ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   آچر 30 نومبر 2025ع 08 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا   شمارو (107)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ملڪ ۾ نوان صوبا نه ٺهندا، سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهه هرگز قبول نه ڪنداسين، ايم ڪيو ايم وارا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏين: وڏو وزير

سيد مراد علي شاهه ڪالهه صبح جو پنهنجي چونڊ تڪ علائقي پان سيد آباد ۽ سيوهڻ پهتو، جتي هن مصروف ڏينهن گذاريندي پنهنجي ويجهن ساٿين سان تعزيتون ڪرڻ سان گڏ ملاقاتون پڻ ڪيون

سنڌ جي گورنر جي تبديلي بابت ڪيس خبر ناهي، گورنر جي مقرري وزيراعظم جو صوابديدي اختيار آهي، فيصلو مشاورت سان ٿيندو، وزير اعظم ۽ صدر جو ڳڏيل ڪردار هوندو آهي

اليڪشن کان پوءِ پ پ ۽ ن ليگ جو 5 سالن تائين اتحاد ٿيو، هن سلسلي ۾ اسان جي انڊر اسٽينڊنگ به آهي، ان تحت ٻئي پارٽيون هڪ ٻئي سان گڏجي هلي رهيون آهن

ڪنڊ ۽ ڪمند جي اگهن تي ڀي ضابطن بابت قدم کڻي رهيا آهيون، هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين لاءِ جتي ڪم مڪمل آهي، ان ضلعي ۾ هفتي اندر نوڪريون ڏيئون وينديون

ڪارونجهر تي سيئي سياست ڪري رهيا آهن، مگر تاريخي جبل جي ڪٽائي ٿيڻ نه ڏينداسين، پ پ پاران سنڌ جو ثقافتي ڏينهن ڀرپور نموني ملهايو ويندو

پان سيد آباد (رپورٽ: محمد اسحاق ميمڻ) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪالهه صبح جو پنهنجي چونڊ تڪ علائقي پان سيد آباد ۽ سيوهڻ پهتو، جتي هن مصروف ڏينهن گذاريندي پنهنجي ويجهن ساٿين سان تعزيتون ڪرڻ سان گڏ ملاقاتون پڻ ڪيون. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صحت کاتي جي معاملن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلامي تعليمات ڪنهن به نسل جي دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي اجازت نٿي ڏي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران سريلنڪا ۾ ٻوڏ ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ سبب ٿيل جاني نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جي سياست جو مقصد انتشار پکيڙڻ آهي: احسن اقبال

نوجوان نسل کي ماحول دوست ترقي ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

حڪومت گرين منصوبن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٺوس قدم کڻي رهي آهي

لاهور (اي پي پي) منصوبا بندي، ترقي ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

افغان حڪومت نه رڳو پاڪستان پر خطي سميت سڄي دنيا لاءِ خطرو بڻجي چڪي آهي: ترجمان پاڪ فوج

پارٽي آرمي چيف جو اهو بيان ته اسان آپريشن سندور دوران هڪ ٽريلر ڊيڪاريو ته اهو پاڻ سان ٿي ڏکو آهي، جنهن ٽريلر ۾ 7 جهاز تباهه، 26 حملا ۽ ايس-400 جون بيٽريون تباهه ٿيون اها فلم انهن لاءِ هارر آهي

پارٽ ۾ پاڻ کي فريب ڏيڻ جي سوچ رکندڙ قيادت جي اجاره داري جاري آهي، سندور ۾ شڪست کان پوءِ پارٽي ڪوڙا بيان عوامي ذڪر ۽ ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ آهن، اسان حق تي آهيون

پاڪستان رياست ۽ ان جي ادارن خلاف زهريلو بيانيو بڻائيندڙ ايڪس اڪائونٽس پرڏيهه مان هلن ٿا، پاڪستان مان باهر ويٺي خطي جي سياست ۽ ٻين معاملن ۾ زهر پرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي

ڪو به ملڪ جيڪڏهن افغان طالبان رجيم کي فوجي سازو سامان مهيا ڪري ٿو ته اهو دهشتگردن جي هٿ ٿي لڳندو، ايران مان اسمگل ٿيل ڊيزل جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ رقم بي ايل اي ۽ بي وائي سي ڏانهن وڃي

پرڏيهه مان آپريٽ ٿيندڙ سوشل ميڊيا جا اهي اڪائونٽس هر وقت پاڪستان خلاف بيانيو ناهڻ ۾ مصروف آهن، اها ڳالهه واضح آهي ته جيڪا سوشل ميڊيا پاڪستان ۾ هلي رهي آهي، اصل ۾ ان پليان پرڏيهي هٿ آهن

سياسي پارٽين جو اتفاق آهي ته دهشتگردي جو حل نيشنل ايڪشن پلان ۾ آهي، ان پلان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ بلوچستان ۾ هڪ مربوط نظام واضع ڪيو ويو آهي، ڪي پي ڪي ۾ ان جي گهڻتائي نظر اچي ٿي

4 نومبر 2025ع کان هن وقت تائين دهشتگردي خلاف 4910 انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن ڪيا ويا، جن ۾ 206 دهشتگردن کي ماريو ويو، هلندڙ سال سڄي ملڪ ۾ 67023 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيا ويا آهن

هلندڙ سال ڪي پي ڪي ۾ 12857 ۽ بلوچستان ۾ 53309 انٽيليجنس آپريشن ڪيا ويا، مجموعي طور تي 1873 دهشتگرد ماريا ويا جن ۾ 136 افغاني به شامل آهن پاڪ افغان بارڊر انتهائي ڏکيو ۽ مشڪل رستن تي ٻڌل آهي

افغانستان مان دهشتگردن جي پاڪستان ۾ دراندازي لاءِ افغان طالبان مڪمل سهولتڪاري ڪن ٿا، جيڪڏهن افغان بارڊر سان لاڳاپيل علائقن کي ڏٺو وڃي ته اتي مشڪل سان انتظامي ڍانچو ڏسڻ لاءِ ملي ٿو: ڊي جي آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) ڊائريڪٽر جنرل آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پارت ۾ پاڻ کي فريب ڏيڻ جي سوچ رکندڙ قيادت جي اجاره داري جاري آهي آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پارٽي آرمي چيف جو اهو بيان ته اسان آپريشن سندور دوران هڪ ٽريلر ڊيڪاريو اهو پاڻ کي ڌوڪو ڏيڻ واري سوچ جي عڪاسي آهي، جنهن ٽريلر ۾ 7 جهاز

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري 27 هين قومي سلامتي ورڪشاپ ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي خاتون اول آصفه ڀٽو پڻ موجود آهي

صدر مملڪت پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت پيش

پيپلزپارٽي جمهوريت جي مزاحمت ڪندڙ پارٽي طور هميشه مقابلو ڪيو: صدر آصف زرداري

ملڪ جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکڻ ۽ زمين، مزدور، تعليم ۽ سماجي انصاف بابت تاريخي سڌارن تي فخر آهي

پنهنجي آغاز کان وٺي ئي پاڪستان پيپلزپارٽي مزدورن، هارين، عورتن، اقليتن ۽ سمورن پيڙهيل طبقن جو آواز رهي آهي

سمورا پارٽي ڪارڪن جمهوري اتحاد کي برقرار رکن، وفاق جي حفاظت ڪن ۽ هڪ روادار ۽ ترقي پسند پاڪستان لاءِ ڪم ڪن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري پاڪستان پيپلزپارٽي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ججن کي قانون جي حڪمراني لاءِ بيهڻ گهرجي: جسٽس جمال مندوخيل

ذاتي مفادن بدران قانون موجب فيصلا ڪرڻ گهرجن، ڪنهن جي دٻاءُ ۾ اچي فيصلا نه ڪرڻ گهرجن

ججن کي رڳو آئين ئي کي بالادست قرار ڏيڻ گهرجي، ڪين پنهنجي سموري توانائي فريادين کي انصاف جي فراهمي تي لڳائڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس جمال مندوخيل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

عالمي برادري فلسطين ۾ امن ۽ ٻن رياستن واري حل لاءِ فيصلائتا قدم کڻي: بلاول ڀٽو زرداري

فلسطين تي قبضن دوران معصوم جانين جو ضايع ٿيڻ ۽ هر گهر جو تباهه ٿيڻ دنيا لاءِ خبردار ڪندڙ سڏ آهي

پيپلزپارٽي فلسطينين جي حقِ خود ارادايت ۽ هڪ آزاد رياست جي قيام لاءِ آواز بلند ڪندي رهندي

عالمي برادري کي اخلاقي جرئت، انصاف ۽ همدردي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فلسطينين سان يڪجهتي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عالمي برادري لاءِ هاڻي لازمي ٿي چڪو آهي ته ٻن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

عالمي برادري اسرائيلي جارحيت ۽ فلسطيني عوام تي ڏاڍ جو نوٽيس وٺي: پاڪستان

گڏيل قومن جي ان تاريخي قرارداد ۾ عالمي امن جي قيام لاءِ فلسطيني جي 2 رياستي حل کي اٽر قرار ڏنو ويو هو

غزه ۾ جاري اسرائيلي دهشتگردي جي نتيجي ۾ هن وقت تائين 69 هزار کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن

پاڪستان، هميشه گڏيل قومن جي قراردادن مطابق هڪ آزاد فلسطيني رياست جي حق ۾ صاف موقف اختيار ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي دنيا ۾ ڇنڇر ڏينهن فلسطيني عوام سان يڪجهتي جو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

صدر ۽ فيلڊ مارشل کي تاحيات ڇوٽ ڏيڻ سان احتساب ڪمزور ٿيندو: گڏيل قومون

پاڪستان ۾ تڪڙ ۾ ڪيل آئيني ترميمون عدليه جي آزادي کي شديد نقصان پهچائن ٿيون

تازيون آئيني تبديليون قانون جي حڪمراني جي بنيادي اصولن جي ابتڙ آهن ۽ خطري جو سبب آهن

عدليه جي آزادي جو بنيادي معيار اهو آهي ته عدالتون حڪومت جي سياسي اثر کان محفوظ هجن: هاءِ ڪمشنر فولڪر ترڪ

اسلام آباد / جنيوا (م ڊ) گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر فولڪر ترڪ جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ تڪڙ ۾ ڪيل آئيني ترميمون عدليه جي آزادي کي شديد نقصان پهچائن ٿيون ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ ترائي نيشنل سيريز جي فائينل ميچ جا مختلف ڏيک

مسلمان امت کي گڏجي سمورن چئلينجز کي منهن ڏيڻو پوندو: اسحاق ڊار

دنيا ۽ خاص ڪري مسلمان دنيا ڪيترن ئي مسئلن ۽ چئلينجز ۾ گهيريل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ وفاقي وزير سردار محمد يوسف عالمي قرعت مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ قاري کي 50 لک روپين جو چيڪ ڏئي رهيا آهن

مڪمل ۽ درست سفري دستاويز رکندڙ ڪنهن به مسافر کي سفر کان نه روڪيو ويندو: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير پاران فراڊ ۾ ملوث ويزا ايجنٽس خلاف فوري ڪريڪ ڊائون جا حڪم جاري

پرڏيهه ۾ روزگار جي ڪوڙن واعدن ذريعي شهرين کي فريب ڏيندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

گهرو وزير هڪ مسافر طرفان اميگريشن ڪائونٽر تي عملي جي ڪوٽ بابت ڏنل شڪايت جو به سنجيدگي سان نوٽيس ورتو

لالچ ۾ مبتلا ايجنٽ معصوم ماڻهن جي مستقبل سان کيڏي رهيا آهن ۽ ملڪ جي ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن: گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته مڪمل ۽ درست

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي سدائين جمهوريت جي لاءِ قربانيون ڏنيون، ۽ دهشتگردي جو مقابلو ڪيو: شرجيل ميمڻ

اسانجي قائدين عوام خاطر قيد ۽ بند جون صعوبتون ڀوڳيو ۽ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا

پوري دنيا مڃي ٿي ته پاڪستان ۾ ايٽمي طاقت جو بنياد قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وڌو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي وزير جي حيثيت ۾ پارت ۾ ڪشمير جو ڪيس وڏي جرئت سان پيش ڪيو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سهائي پاڪستان پيپلز پارٽي جي بنياد واري ڏينهن کي 58 سال

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

چڪ لڳ وحشي جي جوابدار پاران معصوم نينگري سان زيادتي جو انڪشاف، ڪيس داخل

ڳوٺ فريد آباد ۾ جوابدار دلاور ماڇيچو 9 ورهين جي ريحانه ڌيءَ خادم حسين پهوڙ کي زيادتي جو نشانو بڻايو

اطلاع ملڻ بعد ايس ايڇ او چڪ طارق ڪوسو واقعي واري هنڌ پهچي متاثر ٻارڙيءَ کان تفصيل ورتا

ٻارڙيءَ کي طبي معائني لاءِ اسپتال منتقل ڪيو آهي جوابدار کي جلد گرفتار ڪنداسين: پوليس

چڪ(رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ ڳوٺ فريد آباد ۾ افسوسناڪ واقعو پيش، معصوم نينگريءَ سان ڏاڍائي جو انڪشاف دلاور ماڇيچو پاران مبينا طور تي 9 سالا معصوم ٻارڙي ريحانه ڌيءَ خادم حسين پهوڙ سان زيادتي جو واقعو رپورٽ ٿيو اهڙي اطلاع ملڻ بعد ايس ايڇ او چڪ طارق ڪوسو واقعي واري هنڌ پهچي متاثر ٻارڙيءَ کان تفصيل ورتا جنهن بعد ٻارڙيءَ کي طبي معائني لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پير نادر علي شاهه جي ٿنهن پ پ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهي آهي

وفاقي گهرو وزير راولپنڊي ۾ فائرنگ جي واقعي جو نوٽيس ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ راولپنڊي جي هڪ علائقي ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪا، افغان شهرين کي ويزا جاري ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو ته آمريڪا، افغان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لاهور: نيب جو ڊپٽي چيئرمين سهيل ناصر خيابان امين هائوسنگ اسڪيم جي متاثرين ۾ چيڪ ورهائي رهيو آهي

بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم خالده ضيا جي حالت گنڀير جوڳي

خالده ضياءَ کي ايور ڪيئر اسپتال جي ڪورونري ڪيئر يونٽ ۾ داخل ڪرايو ويو هو

اڳوڻي وزيراعظم خالده ضياءَ جا ڦڦڙ ۽ دل انفيڪشن سبب متاثر ٿيا آهن: ڊاڪٽر

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم بيگم خالده ضيا جي حالت انتهائي گنڀير جوڳي آهي ۽ سندس پارٽي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف پارٽي معيشت جو پانڌو ڦوڙي ڇڏيو نااهل مودي جي دعوي بي نقاب

انگن اکرن جي تياري جي عمل ۾ سنگين خاميون موجود آهن: آءِ ايم ايف جي رپورٽ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مالياتي فنڊ پنهنجي تازي رپورٽ ۾ پارت جي قومي کاتن کي ٻين گهٽ ترين درجي ۾ رکندي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ اڳوڻي سينيٽر خالد محمود سومرو جي يارهين ورسي، شهيد اسلام ڪانفرنس منعقد

اقتدار ۾ آندل حڪمران عوام جي حقن، اسلام، مسجدن، مدرسن ۽ جمهوريت جو سودو ڪن ٿا: انجنيئر ضياءُ الرحمان

سنڌ مان اٺو لٺو ۽ اڇهو ختم ٿي ويو، اسپتالن ۾ علاج ۽ اسڪولن ۾ تعليم ڪونهي: راشد محمود سومرو

هڪ ڀيرو ٻيهر صوبن جي ڳالهه پئي ٿئي، ڪنهن کي سنڌ ورهائڻ جي اجازت نه ڏينداسين: اڳواڻن جو خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي طرفان جي يو آءِ جي اڳوڻي سينيٽر شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي يارهين ورسي جي موقعي تي شهيد اسلام ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ حافظ نصير احمد احرار مولانا عبدالقيوم هاليجوي، مولانا سيد سراج احمد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهه: پير آف ڀٽ شاهه سيد خاور حسين شاهه پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر کي گلدستو ڏئي رهيو آهي

سريلنڪا: سامونڊي طوفان دتوا سبب ڦوٽڪين جو انگ 123 ٿي ويو

ڪيگالي ۾ 9، ماتالي ۾ 8، نوورا اليا ۾ 6 ۽ امپاره ۾ 5 ڦوٽڪيون رپورٽ ڪيون ويون

هن وقت تائين 43925 متاثر ماڻهن کي 488 محفوظ ڪيمپن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي

ڪولمبو (اي پي پي) سريلنڪا ۾ سامونڊي طوفان ديتو سبب ڦوٽڪين جو انگ وڌي 123 ٿي ويو آهي جڏهن ته 130 ماڻهو اڃا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪرپٽ ۽ بدعنوان اين ايڇ اي آفيسرن کي ڊي چوڪ تي لٽڪايو وڃي: سيف الله ابڙو

سينيٽر ڪامل علي آغا جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ سينيٽ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

نااهل ڪمپنين کي ٺيڪا ڏئي منصوبن جي خرچن ۾ گهٽيون وڌايون ڪيون وڃن ٿيون

اسلام آباد (م د) سينيٽر سيف الله ابڙو طرفان اين ايڇ اي آفيسرن کي ڊي چوڪ تي لٽڪائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي، سينيٽ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري جو سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دهلي هاءِ ڪورٽ پاران ياسين ملڪ کي طبي سهولتون ڏيڻ جي هدايت

جيل ۾ علاج جون بهتر سهولتون ناهن ته ڪيس اسپتال موڪليو وڃي: دهلي عدالت

جسٽس نينابنس ڪرشنا تي ٻڌل هاءِ ڪورٽ جي هڪ رڪني بينچ اهڙو حڪم ڏنو

دهلي (اي پي پي) دهلي هاءِ ڪورٽ تهاڙ جيل اختيارين کي جمون ڪشمير لبريشن فرنٽ جي غير قانوني طور تي نظر بند

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت آصف زرداري جو نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جو دورو

صدر ورڪشاپ کي ڪاميابي سان منعقد ڪرڻ تي شرڪت ڪندڙن کي مبارڪون ڏنيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ ڇنڇر ڏينهن نيشنل ڊفينس يونيورسٽي اسلام آباد جو دورو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

قرئت جو عالمي مقابلو، پوزيشن هولڊرز ۾ ڪيش انعام ورهايا ويا

قرآن مجيد اسان لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي: سردار يوسف

تقريب ۾ نائب وزيراعظم، گورنر ڪي پي ڪي، وفاقي وزير ۽ عالم سگهورا به شريڪ

ڪرنايل هي عالمي مقابلو پاڪستان لاءِ فخر جوڳو آهي: مذهبي مامرن جو وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪراچي ۾ اهم منصوبا مڪمل ڪري رهي آهي: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر تيار ڪيل سولر سسٽم سان هلندڙ جديد واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جام هائوس ڪراچي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير جام ڪريم علي خان ۽ اڳوڻي وزير آفتاب شعبان ميراڻي، ذوالفقار علي جيلاني ۽ عبدالرحمان راجپوت جي مبارڪون...

بقايا | 1 | احسن اقبال

خاص قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته پارٽ ۽ پي ٽي آءِ ملڪي سلامتي خلاف هڪ پيج تي آهن پي ٽي آءِ جي سياست جو طرز جمهوري ناهي انتشار ڦهلائڻ آهي اڏام پاڪستان منصوبو قومي ترقي جو مرڪز و محور ۽ نوجوان ملڪي اثاثو آهن نوجوان نسل کي ماحول دوست ترقي ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن موسمياتي خطرن کان بچي سگهجي گرين پروڊڪٽوٽي 2.0 ويزن جو مقصد پاڪستاني صنعت کي نه صرف ماحول دوست بنائڻو آهي پر ان کي عالمي مارڪيٽ ۾ مسابقت جي قابل به ڪرڻو آهي حڪومت گرين منصوبن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٺوس قدم کڻي رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن ڪولمز يونيورسٽي ۾ 2 ڏينهن واري "عالمي ڪانفرنس آن گرين پروڊڪٽوٽي 2.0" کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته هي ملڪ اسان جو گهر آهي هي ملڪ ناهي ته اسان جي سياست به ناهي اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن ۽ ملڪي سياست هڪ خاندان وانگر هوندي آهي جهڙي طرح هڪ خاندان ۽ ڪٽنب ۾ هر فرد جي پنهنجي راءِ ۽ سوچ هوندي آهي اهڙي طرح سڀني سياسي پارٽين کي به اختلاف راءِ جو حق حاصل هوندو آهي پاڻ ۾ اختلاف ٿي وڃن ته ملڪ اندر رهندي انهن اختلافن کي ختم ڪرڻ ئي جمهوريت جو حسن آهي هن چيو ته مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي تمام سخت مارشل لا کي منهن ڏنو پر ڪنهن مارشل لا کان وڌيڪ ڏاڍ جو اسان پي ٽي آءِ باني جي دور ۾ منهن ڏنو اسان ڪوڙن ڪيسن ۾ جيلن ۾ به رهياسين ميڊيا تي به پابنديون لڳيون ان سڀ باوجود ان سياسي جنگ کي اسان رياست جي حدن ۾ رهي ڪري وڙهيو اڄ تائين ڪنهن به پارٽي پرڏيهه وڃي پاڪستان خلاف پروپيگنڊا ۽ پاڪستان کي عالمي عدالتن جي ڪٽهڙي ۾ ناهي بيهاريو احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور کي پاڪستان جي سياسي تاريخ جو ڪارو ترين دور قرار ڏنو ويندو آهي جنهن ۾ نوجوانن کي ترقي تعليم ۽ مهارت بجاءِ صرف گار گند جي سياست

HESCO

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

واڪ گهربل آهن

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO) جي هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني آهي جنهن جو بنيادي ڪم سنڌ جي 13 ضلعن ۾ بجلي جي فراهمي، تقسيم ۽ وڪرو ڪرڻ آهي. مٿي ڄاڻايل ڪم جي لاءِ ٺيڪيدارن سان اي-واڪ گهربل آهن. هي واڪ سنگل اسٽيج سنگل اينوليپ طريقيڪار جي تحت طلب ڪيا پيا وڃن. واڪ ڏيندڙن کان PPRA EPADS تي رجسٽرڊ ٿيڻ، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) ۾ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن "CE-10" ۾ لائسنس رکندڙ هجي، انهيءَ نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ ٻه (02) ڪمن جو تجربو رکندڙ هجي. سنڌ سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس محڪمن ۾ رجسٽرڊ هئڻ ۽ SRB ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو جي Active Taxpayer List ۾ شامل هئڻ ضروري آهي.

Tender No.	Name of Work	Bid Security	Bid Submission Date & Time	Bid Opening Date & Time
GSC-06/2025-26	Construction of Electrical Equipment Foundation for 01 No. Power Transformer Bay and Cable Trenches at 132KV Grid Station Khair Muhammad Bhurgari	130,000/-	18.12.2025 (10:45 Hrs)	18.12.2025 (11:15 hrs)
GSC-07/2025-26	Construction of Electrical Equipment Foundation for 01 No. 10/13MVA Power Transformer Bay and Cable Trenches at 132KV Grid Station Naukot	130,000/-	18.12.2025 (10:45 Hrs)	18.12.2025 (11:30 hrs)
GSC-08/2025-26	Construction of Electrical Equipment Foundation for 01 No. 10/13MVA Power Transformer Bay and Cable Trenches at 132KV Grid Station Matli	120,000/-	18.12.2025 (10:45 Hrs)	18.12.2025 (11:45 Hrs)
GSC-09/2025-26	Construction of Electrical Equipment Foundation and allied work for 01 No. Line Bay at 132KV Grid Station Naukot	50,000/-	18.12.2025 (10:45 Hrs)	18.12.2025 (11:55 Hrs)

1. اِي واڪ دستاويز، قاعدن جي مطابق، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ۽ ضروريات وغيره شامل آهن، رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهن.
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS ذريعي مقرر تاريخ ۽ وقت تي جمع ڪرايا وڃن. دستي واڪ قبول نه ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورن E-واڪن سان گڏ واڪ سيڪيورٽي (Bid Security) مٿي ڄاڻايل طريقي سان لازمي طور تي منسلڪ هجي. واڪ دستاويز ۾ ذڪر ڪيل رقم جي مطابق پروجيڪٽ ڊائريڪٽر GSC, HESCO حيدرآباد د جي حق ۾ بينڪ گارنٽي/ سي ڊي آر / بينڪرز چيڪ جي صورت ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان مان. جيڪا واڪ جي مدي جي 28 ڏينهن تائين درست هجي. واڪ ڏيندڙ EPADS تي واڪ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي اپلوڊ ڪن. اصل واڪ سيڪيورٽي پروڪيورنگ ايجنسي کي اِي واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان پهرين ڪرائڻي هوندي. ٻي صورت ۾ اِي واڪ رد ڪيا ويندا.
4. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk ۽ HESCO جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي به دستياب آهي.

نوٽ:
PPRA قاعدي 2024 جي قاعدي-48 جي تحت تشڪيل ڪيل GRC کي اطلاع EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي فراهم ڪيل آهي.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر GSC حيسڪو، حيدرآباد
Tel:022-9260123 Email:pdgschescohyd@gmail.com
ايڊريس: واٽر ونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد

PID(H) 210/2025

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 30 نومبر 2025ع

عمران خان جي صحت ۽ زندگيءَ بابت پراسرار بڻيل افواهہ

فريد احمد

اڳوٽي وزير اعظم عمران خان جي زندگي ۽ صحت بابت افواهن جي باهہ ٻري رهي آهي، جڏهن تہ حڪومت پڻ ڪنهن حڪمت عمليءَ تحت ان معاملي کي وڌيڪ پراسرار بڻائيندي عمران خان سان ڪنهن بہ فرد جي ملاقات جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي. پرڏيهہ ۾ رهندڙ عمران خان جي پٽ قاسم خان، اڳوٽي زال جمائمہ، پارٽي ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جي حوالي سان اهڙيون خبرون پکڙجڻ سبب ملڪ جو هر باشعور ماڻهو فڪرمند ٿي پيو آهي تہ اڳواٽي وزيراعظم کي جيل ۾ زهر ڏئي مارڻ يا اڊيالا جيل مان ڪنهن اڻ ڄاتل هنڌ منتقل ڪرڻ وارا افواهہ شل ڪوڙا هجن. بهرحال چوٿين نومبر کانپوءِ هيستائين عمران خان سان ڪنهنجي بہ ملاقات ناهي ٿي سگهي. ٻہ ڏينهن اڳ خيبرپختونخوا جو وڏو وزير سهيل آفريدي ملاقات لاءِ اڊيالا جيل آيو پر کيس بہ ملڻ نہ ڏنو ويو، جنهن بعد هاڻي انهي اڱاري تي اڊيالا جيل ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران احتجاج جو سڏ ڏنو آهي. جمعي ڏهاڙي سهيل آفريدي عمران خان سان ملڻ ويو پر اجازت نہ ملڻ تي هن اتي 16 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي، پوري رات جيل ٻاهران گذاري. ان دوران مخالف ڌر جي اتحاد 'تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان' جي سربراهہ محمود خان اچڪزئي ۽ 'مجلس وحدت المسلمين' جي سربراهہ علامہ راجا ناصر عباس بہ ان ڌرڻي ۾ اچي ويا ۽ اهي خبرون بہ آيون تہ هنن جون جيل انتظاميا سان ڳالهيون ٿيون آهن، پر سهيل آفريديءَ جي عمران خان سان ملاقات نہ ٿي سگهي ۽ پوءِ 16 ڪلاڪن واري ڌرڻي بعد ڪي پي ڪي جو وڏو وزير اسلام آباد هاءِ ڪورٽ هليو ويو جتي هن چيف جسٽس سرفراز ڊوگر سان ملاقات جي ڪوشش ڪئي، پر چيف جسٽس ملاقات کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان بعد ٻئي ڏينهن تي تحريڪ انصاف سينيٽ ۾ احتجاج ڪيو ۽ وري مخالف ڌر جي اڳواڻن ۽ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق سان ملاقات ڪئي.

اردو ميڊيا جي هڪ اهم خابرو اداري پنهنجي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو آهي تہ ايندڙ اڱاري تي عمران خان جي ڀيڻ ۽ ڪنهن هڪ وڪيل جي عمران خان سان ملاقات ٿي سگهي ٿي.

عمران خان جي ڀيڻ عليمہ خان هڪ پوسٽ ۾ لکيو آهي تہ "عمران خان کي غيرقانوني طور نويڪلو رکيو ويو آهي، ماڻهو اسان کان سندس صحت ۽ حفاظت بابت پڇي رهيا آهن، پر حقيقت اها آهي تہ اسان کي ڪنهن بہ اهڙي شخص سان نٿو ملايو وڃي، جيڪو اسان کي تصديق ٿيل ڄاڻ ڏئي سگهي. اسان رڳو انڪري اهو سمجهون ٿا تہ عمران خان محفوظ آهي ڇاڪاڻ تہ عملدار عمران خان جو هڪ وار بہ ونگو ڪرڻ جي همت نٿا ڪري سگهن جو کين چڱي طرح خبر آهي تہ اهڙي ڪنهن بہ بيوقوفيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا."

اهم ڳالهہ اها آهي تہ تحريڪ انصاف چوي ٿي تہ چوٿين نومبر کانپوءِ اڃان تائين عمران خان سان ملاقات ناهي ٿي، ان ڪري سندس صحت بابت ڳڻتي ٿي آهي، پر حڪومت اڃان تائين ڪنهن کي بہ عمران خان سان ملڻ جي اجازت ناهي ڏني، ٻہ ڏينهن اڳ وڏي وزير سهيل آفريديءَ طرفان اڊيالا جيل آڏو ڌرڻي دوران ڳالهين جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻن ڪنهن بہ هڪڙي جٽي سان ئي ملاقات ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو، جنهن تي جيل انتظاميا ڪي پي ڪي جي وڏي وزير کي عدالتي حڪم وٺي اچڻ لاءِ چيو. ان کانسواءِ ڪي پي ڪي جي سڏسماءَ واري وزير شفيع جان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ "اسان جو مطالبو رڳو ايترو آهي تہ وڏي وزير جي ملاقات ڪرائي وڃي، باقي ڇاجيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن. ملاقات ڪرايو معاملو ختم ڪريو!" ان کانسواءِ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اچڪزئيءَ جو چوڻ هو تہ "عمران خان سان ملاقات تڏهن ئي ٿي سگهندي، جڏهن اسان عوامي طاقت سان سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ کي روڪينداسين."

16 ڪلاڪ اڊيالا جيل ٻاهران گذاري ڪي پي ڪي جو وڏي وزير سهيل آفريدي ڌرڻو ختم ڪرڻ بعد عمران خان جي ڀيڻ عليمہ خان ۽ وڪيلن سان گڏ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پهتو ۽ چيف جسٽس جي سيڪريٽريءَ وٽ وڃي چيف جسٽس سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، پر چيف جسٽس ساڻس ملاقات کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ هو اتان نڪتا ۽ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سهيل آفريديءَ چيو تہ اڱاري تي پارليامينٽ جا ميمبر ڀرين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران گڏ ٿيندا، پوءِ اڊيالا جيل آڏو ٻڌيءَ جي اظهار لاءِ ميڙو ڪندا.

ان کانسواءِ عمران خان جي ڀيڻ عليمہ خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ توهين عدالت جي درخواست بہ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، جنهن ۾ هن عمران خان سان ملاقات نہ ڪرائڻ ۽ 24 مارچ واري عدالتي حڪم تي عمل نہ ڪرڻ تان اڊيالا جيل سپرنٽينڊنٽ، وفاقي گهرو سيڪريٽري ۽ پنجاب جي گهرو سيڪريٽريءَ کي ڌر بڻائيندي سندن خلاف ڪارروائيءَ جي گهر ڪئي آهي. ان کانسواءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي عليمہ خان جو چوڻ هو تہ "اڄ عوام لاءِ عدالتن جا دروازا بند ڪيا ويا آهن. عدالتي حڪمن کي ٽڏي عدالتن جي توهين ڪئي ٿي وڃي."

ان کانسواءِ تحريڪ انصاف سينيٽ ۾ احتجاج ڪيو جتي پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر چيو تہ "معاملو تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي، جيستائين اسان جي سوال جو جواب نٿو اچي، هي سيشن نہ هلڻ گهرجي." ان جي جواب ۾ وفاقي وزير طارق فضل چوڌريءَ چيو تہ "هي سموريون خبرون افغان ميڊيا کي بنياد بڻائي ڀارتي ميڊيا طرفان پکيڙيون پيون وڃن. جڏهن تہ عمران خان جي صحت بلڪل ٺيڪ آهي." ان کانسواءِ سڏسماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ ايوان ۾ چيو تہ "تحريڪ انصاف جي هڪ عورت اڳواڻ افغانستان مان هلندڙ پاڪستان دشمن اڪائونٽن ۽ ڀارتي ميڊيا تي عمران خان جي حوالي سان گندي مهم هلرائي، جنهن سان پوري دنيا ۾ پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي."

ڀارتي ميڊيا عمران خان جي صحت جي حوالي سان غير معمولي ڪوريج ڏئي رهي آهي، جڏهن تہ ڀارتي صحافي برکا دت کي انٽرويو ڏيندي عمران خان جو وڪيل رهندڙ فيصل چوڌريءَ حڪومت تي تنقيد ڪئي، پر گڏوگڏ اهو بہ چيو تہ "افغان ميڊيا افواهہ پکيڙيا، جن کي ڀارتي ميڊيا بہ وڌايو. "منهنجي ذريعن کي جيل عملدارن ٻڌايو آهي، جنهنجي مون تصديق بہ ڪئي تہ عمران خان ٺيڪ آهي."

ان کانسواءِ عمران خان جي ڀيڻ نورين خان ڀارتي خبر ايجنسي 'اي اين آءِ' کي انٽرويو ڏنو. جڏهن تہ گذريل ڏينهن نوشهره ۾ سڏسماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ "ڪي پي ڪي جي وڏي وزير جي ڌرڻي ۾ عمران خان سان ملاقات جو غيرقانوني مطالبو ڪيو ويو."

چوٿين نومبر کانپوءِ عمران خان جي ڪنهن سان بہ ملاقات ناهي ٿي، جڏهن تہ 16 آڪٽوبر کان سندس ڪنهن بہ ڪيس جي ٻڌڻي ناهي ٿي، جنهنڪري تحريڪ انصاف ڳڻتين جو اظهار ڪري رهي آهي ۽ ملاقات جا مطالبا ڪري رهي آهي ۽ حڪومت ملاقات جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري معاملي کي ويتر پراسرار بڻائي رهي آهي!

بالي ووڊ جو هڪ دور ختم ٿي ويو

فيضان احمد

ڇهہ ڏينهن اڳ جڏهن ڀارتي فلم انڊسٽري جو عظيم اداڪار ڌرميندر ديول جي ساهہ جو سڳو ڇڳو تہ سندس هر مداح کي فلم جي فلڪ تي ابدي اونداهي نظر اچڻ لڳي، هر ماڻهو خاص ڪري هن دور جا وڏي عمر وارا ماڻهو گهڻي ڪرب مان گذريا، هُو جن جو هيرو هو هن جا ڪردار ۽ انهن ڪردارن جي همت هو پنهنجي وجود ۾ سارينداءِ مرڪي زندگي گذاريندا آهن، ڌرميندر جهڙي اچي اجري مرڪ.

ڌرميندر 24 نومبر 2025 تي ممبئي ۾ پنهنجي رهائشگاهہ تي 89 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. ساهہ ڪڻڻ ۾ تڪليف سبب کيس اسپتال داخل ڪيو ويو هو پر پوءِ گهر منتقل ڪيو ويو، جتان هو هميشہ لاءِ وڇوڙو ڪري ويو.

هن زندگيءَ جا 90 بهار ماڻيا، جن مان ڇهن ڏهاڪن جي پنهنجي شاندار ڪيريئر دوران 300 کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو ۽ ڀارتي سئنيما جي نهايت مقبول هيروز مان هڪ سمجهيو ويندو هو. سندس شاندار بيهڪ، ڪرشماتي شخصيت ۽ ايڪشن ڪردارن سبب کيس 'هندستان جو هي- مين' جو لقب مليو.

ڌرميندر 8 ڊسمبر 1935 تي پنجاب جي لڌيانا ضلعي جي ڳوٺ نسرالي ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ هڪ اسڪول جو هيڊماستر هو ۽ هن پنهنجي شروعاتي تعليم ساڳي اسڪول مان حاصل ڪئي. جوانيءَ ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ، هو ممبئي آيو ۽ فلمن ۾ قسمت آزمائڻ لڳو. هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات 1960 جي فلم 'دل ڀي تيرا هم ڀي تيري' سان ڪئي، پر هن کي اصل شهرت 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي جي ڪامياب فلمن سان ملي.

پنهنجي فلمي ڪيريئر ۾، ڌرميندر رومانوي، مزاحيہ ۽ ايڪشن سميت هر قسم جي ڪردارن سان شاندار نموني نڀايو. 'شعلي' سندس شهرت کي بلندين تي پهچايو ۽ هن فلم کان پوءِ هو هندستاني سئنيما جي وڏن ستارن جي صف ۾ بيٺو. 'چپڪي چپڪي'، 'دوست'، 'ميرا گاون ميرا ديش'، 'جگنو'، 'ڌرم وير' ۽ درجنين سپر هٽ فلمن کيس انڊسٽريءَ ۾ لازوال شهرت ڏياري ڇڏي.



ڌرميندر جي اداڪاره هيما مالني سان جوڙي تمام گهڻي مشهور هئي. ٻنهي فلمن دوران شادي بہ ڪئي، پر سندس پهرين زال پرڪاش ڪور جي موجودگيءَ جي ڪري اهو تعلق تڪراري رهيو. انهن جي ٻارن ۾ سني ديول، بوبي ديول، ايشا ديول ۽ آهانا ديول شامل آهن، جن فلم انڊسٽريءَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ ناهي ورتي آهي.

فلمن سان گڏ، ڌرميندر سياست جي ميدان ۾ بہ سرگرم هو. 2004 ۾، هو بي جي پي جي ٽڪيٽ تي لوڪ سڀا جو ميمبر چونڊيو ويو. بالي ووڊ ۾ سندس خدمتن لاءِ کيس فلم فيئر لائف ٽائم اچيومنٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو. 90 واري ڏهاڪي کان پوءِ، هن مختلف ڪردارن ۾ واپسي ڪئي ۽ 'اپني'، 'لائف ان اي ميٽرو'، 'يملا پگلا ديوانا' ۽ 'راڪي اور راني کي پريم ڪهاڻي' جهڙين فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا.

پنهنجي زندگي جي آخري سالن ۾، ڌرميندر گهڻو ڪري لوناوالا ۾ پنهنجي فارم هائوس ۾ رهندو هو. هو اڪثر شڪايت ڪندو هو تہ فلم انڊسٽريءَ کيس ۽ سندس خاندان کي اها مڃتا ناهي ڏني، جيڪا هو لهڻن پيا. سندس ابدي وڇوڙي تي بالي ووڊ ۾ هڪ دور جي پڄاڻي ٿي وئي آهي، هر دل اداس آهي. ڏيو رڳو ايترو آهي تہ ڌرميندر جو فن، شخصيت ۽ سندس يادون هميشہ زنده رهنديون.

مسوپرگڙي: لڳ پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد پاران سياسي ڪچهري

حڪمران طبقي هن ڳوٺ کي مسلسل نظرانداز ڪيو آهي: دوست علي لغاري

وطن جي وارثي ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي کي سياسي جدوجهد ڪرڻي پوندي: اشرف ملنگ

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي لڳ پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد پاران ڳوٺ مهرو خان پُسيو ۾ سياسي ڪچهري ٿي گذري، ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ دوست علي لغاري، ڪامريڊ اشرف ملنگ ۽ ڪامريڊ صوفي ڳالهائيندي چيو تہ حڪمران طبقي هن ڳوٺ کي مسلسل نظرانداز ڪيو آهي ۽ ڪا بہ بنيادي سهولت موجود ناهي. نہ پڪيون گهٽيون نہ اسٽريٽ لائيٽ نہ وري ڊرينيج وغيره. اڳواڻن چيو تہ حڪمران طبقي 27 آئيني ترميم ذريعي هتان جي محڪوم قومن تي نئون ون يونٽ مڙهيو آهي ۽ انسڌي طرح مارشلا لاڳو ڪري ڪارونجهر سميت سنڌوءِ درياهہ، سنڌ جي زمينن ۽ ٻين وسيلن تي قبضي لاءِ تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. وطن جي وارثي ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي کي متحد ٿي سياسي جدوجهد ڪرڻي پوندي ني صورت ۾ تباهيءَ مقدر بڻيل آهي. اڳواڻن چيو تہ پورهيت مزاحمت تحريڪ سياسي جدوجهد ۾ هر روڪ ٽي ڳوٺاڻن سان گڏ آهي.

مسوپرگڙي: پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد پاران سياسي ڪچهري

سڪرنڊ ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ مانجهاندو

سڪرنڊ (س ر) سنڌ ۾ صحافت جي وڏي نالي قاضي خاندان جي فرد سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ سڪرنڊ جي ڪاروباري، سماجي شخصيت مقامي زميندار عليشير انڙ پاران سڪرنڊ لڳ شهيد ارسلان آباد ۾ شاندار آجياڻي ۽ مانجهاندي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جون شخصيتون شريڪ ٿيون جڏهن تہ محمد اسلم ڪوڪر ۽ نياز حسين ڪوڪر مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيد احسان شاهہ، غلام حيدر سولنگي، مجيد عباسي، شمشاد ملاح الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو تہ قاضي جاويد سنائي هڪ ڪردار جو نالو آهي جنهن صحافت جي دنيا ۾ نہ صرف پنهنجو مقام ناهيو آهي بلڪ عزت ۽ شهرت بہ ڪمائي آهي اسان سڪرنڊ واسين کي سندس صحافت تي فخر آهي ان کان اڳ آجياڻي جي ميزبان عليشير انڙ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو تہ اڄ جي آجياڻي جو اهتمام قاضي جاويد سنائي جي صحافت کي مڃتا ڏيڻ ۽ کيس زندگيءَ جون 60 بهارون ڏسڻ تي رکيو آهي هن چيو تہ قاضي خاندان جيڪو گذريل 70 سالن کان صحافت ڪري رهيو آهي جن هميشہ صاف ستري صحافت ڪئي آهي قاضي خاندان جو سنڌ جي صحافت ۾ اهم ڪردار آهي جنهن جو فرد قاضي جاويد سنائي اسان سان گڏ آهي اڄ کيس ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون ان موقعي تي آيل مهمانن پاران قاضي جاويد سنائي کي لنگين اجرڪن ۽ هارن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو تہ مان ٿورائتو آهيان ڀاءُ عليشير انڙ ۽ سندس خاندان انڙ پاڙن جو جن مان ڏنو آهي ان موقعي تي حاجي مراد علي ملاح، اشتياق آرائين، آصف آرائين، شبير شاهہ، ڪاشف مغل، عبدالغني مگسي ۽ غلام شبير سومرو پڻ موجود هئا آخر ۾ قاضي جاويد سنائي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو جنهن بعد شهيد ارسلان انڙ جي مزار تي دعا پڻ گهري وئي ان کان اڳ نورحسين انڙ فهد حسين انڙ ۽ فرحان انڙ آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو.

شهدادڪوٽ: سيده فاطمہ زهره سلام الله عليها جي شهادت جي سلسلي ۾ مجلس عزا

حضرت محمد مصطفيٰ صہ پڻ پنهنجي نياڻي جي احترم ۾ اٿي بيهندا هئا: ڪاظم نقوي

جناب فاطما زهرا سلام الله عليها کي صديقا نہ مڃڻ آيت تطهير جو انڪار آهي: مجلس کي خطاب

شهدادڪوٽ: حضرت محمد مصطفيٰ صہ پڻ پنهنجي نياڻي جي احترم ۾ اٿي بيهندا هئا: ڪاظم نقوي

ڪنڌر پوليس جو ڳجهي اطلاع تي ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو

پوليس پاران 20 ليٽر تيار ٿيل ۽ 500 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

شراب ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڊرم، بالٽيون، گيلن ۽ ٻيو سامان بہ قبضي ۾ ورتو ويو

سرهاڙي (ن ع) ڪنڌر پوليس جو لانيڌي اسٽاپ پرسان ڊي ايس پي سڪرنڊ ۽ ايس ايڇ او ڪنڌر جي اڳواڻي ۾ ڳجهي اطلاع تي ارڇتو ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو ڪارروائي دوران پوليس موجب 20 ليٽر تيار ٿيل ۽ 500 ليٽر اڻ تيار ٿيل ڪچو شراب هٿ ڪرڻ جي دعوا جڏهن تہ شراب ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڊرم، بالٽيون، گيلن ۽ ٻيو سامان بہ قبضي ۾ ورتو ويو آهي پوليس موجب ڀٽي جو مالڪ راشد پٽ حاڪم علي ڪيريو ڪي موقع تي گرفتار ڪيو ويو پوليس جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو هوڏانهن ايس ايڇ او ڪنڌر رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ڳجهي اطلاع تي لانيڌي اسٽاپ پرسان ڇاپو هنيو ويو جتي وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب ۽ اڻ تيار ٿيل ڪچو شراب ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ سامان هٿ ڪيو ويو جڏهن تہ جوابدار کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

سرهاڙي: پوليس پاران 20 ليٽر تيار ٿيل ۽ 500 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سنڌ جي ناميارين ڪارڊيالوجسٽ ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو پاران تقريب جو اهتمام

سڪرنڊ (س ر) سنڌ جي ناميارين ڪارڊيالوجسٽ ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو پاران "چار گهڙيون چٽن يارن سان" جي عنوان هيٺ واقع روز ريسٽورينٽ سڪرنڊ تي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ سڪي مديني جي مهمانن حاجي علي لاشاري، حاجي عثمان لاشاري، حاجي اڪبر لاشاري ۽ حاجي امام الدين انڙ سميت مختلف شهرن مان آيل مهمان شريڪ ٿيا جڏهن تہ شيراز احمد انڙ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي ذوالفقار علي زرداري، نياز حسين لاکو انور علي ڪيريو ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا تقريب جي ميزبان ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو ڳالهائيندي چيو تہ موجوده نفسا نفسي ۽ مصروفيات واري دور ۾ چار گهڙيون ڪڍي چٽن يار سان گهارڻ کي وڏي نعمت سمجهيو ويندو آهي جڏهن تہ مخلص دوستن جو هجڻ پڻ خاص تحفو هوندو آهي اڄ جي هن ڪچهريءَ جو مقصد بہ دوستن کي مان ڏيڻ سياري جي آجيان ڪرڻ ۽ محبتي ميلا مچائڻ آهي مهربانيون دوستن جون جيڪي ڪهي آيا آهن تقريب ۾ شيراز علي انڙ ڳالهائيندي چيو تہ اسين ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو جا جنهن هي محبتي ميلو مچائي محبوب ماڻهن سان ملڻ جو موقعي فراهم ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو وٽان سدائين محبتون ملنديون آهن اڄ بہ اها روايت کي قائم رکيو ويو آهي اسين سندس دوستيءَ تي فخر ڪيون ٿا اڄ جي ڪچهري جو مزو ٻيڻو ان ڪري بہ آهي جو جن چٽن يارن سان چار گهڙيون گهاريون پيون وڃن انهن جو تعلق دنيا جي حسين شهرن مڪي ۽ مديني سان آهي جنهن کي اسين اعزاز سمجهون ٿا ڪچهريءَ دوران حاجي علي لاشاري کي بيهڙ لاکون لهي گهوٽ ٿيڻ تي مبارڪون پڻ ڏنيون ويون ان موقعي تي منور عمراڻي، محمد عمر انڙ، غلام محمد رند، حاڪم انڙ ۽ غلام محمد پرهياڙ سميت ڪئي مهمان شريڪ هئا آخر ۾ ميزبان پاران شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي.

مٽياري ۾ ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن، جلد پيون اسڪيمون شروع ڪيون وينديون: مخدوم احمد الزمان

عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين، دروازا هر وقت کليل آهن

عوام پنهنجا مسئلا اسان تائين پهچائين جن کي ترجيح بنيادن تي حل ڪنداسين

عثمان شاهہ هڙي (ت ر) ضلعي مٽياري ۾ ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن جلد نوان اسڪيمر جاري ڪري رهيل ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا اهڙن خيالن جو ضلع چيئرمين مٽياري مخدوم احمد الزمان عثمان شاهہ هڙي ويجهو ڳوٺ شير محمد عاقلاڻي ۾ پي پي پي ورڪر اڳواڻ ڪامريڊ مير صفدر عاقلاڻي پاران ڏنل آجياڻي ۾ عوامي ميڙ خطاب ڪندي چيو ان چيو تہ ڳوٺ شير محمد عاقلاڻي سميت ٻين ڳوٺن جا جيڪي بہ بنيادي مسئلا آهن انهن کان چڱي ريت واقف آهيان جن کي جلد کي جلد ترقياتي ڪمن جي حوالي سان خوشخبري ملندي منهنجا دروازا سدائين عوام لاءِ کليل آهن جيڪي پنهنجن مسئلا اسان تائين پهچائين جن کي ترجيح بنيادن تي حل ڪنداس ان موقعي تي صفدر عاقلاڻي، سيٺ انور عاقلاڻي، پٻڻ عاقلاڻي، حاجي امام علي عاقلاڻي، وڏيرو منٺار عاقلاڻي، غلام مصطفيٰ عاقلاڻي، ماسٽر لال محمد عاقلاڻي، محمد شريف عاقلاڻي، چوڌري محمد حسن آرائين، حاجي جمن عاقلاڻي موجود هئا

عثمان شاهہ هڙي: عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين، دروازا هر وقت کليل آهن

نصيرآباد شهري اتحاد پاران تعلقا اسپتال جي بحالي لاءِ احتجاج

شهري اتحاد پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ ڏهين ڏينهن ۾ داخل ٿي وئي

صحت مرڪزن جي تباهي سبب علائقي جا ماڻهو بنيادي سهولتن کان محروم آهن: مظاهرين

نصيرآباد (ن ع) شهري اتحاد پاران تعلقا اسپتال جي بحالي، ڊاڪٽرن جي ڪوٽ ۽ دوائن جي عدم دستيابي خلاف احتجاج جو سلسلو ڏهين ڏينهن بہ جاري آهي تعلقا اسپتال نصيرآباد جو تعميراتي ڪم مڪمل نہ ٿيڻ صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن جي مقرري ۽ سرڪاري دوائن جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ شهري اتحاد پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ ڏهين ڏينهن ۾ داخل ٿي وئي آهي احتجاجي ڪئمپ آڏو اڄ پڻ هڪ احتجاجي محفل منعقد ڪئي وئي، جتي ڳائڻ قومي ۽ شعوري گيت ڳائي پنهنجو آواز اختيارين تائين پهچايو احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙ شهري اتحاد نصيرآباد جي اڳواڻن سينگار نوناري، ضمير مغيري، ياسين ڦلپوٽو، اعجاز شيخ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو تہ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي شديد کوٽ سبب مريض سخت تڪليفون پوڳي رهيا آهن جڏهن تہ سرڪاري دوائون نہ هجڻ ڪري غريب مريض مهانگيون دوائون ٻاهرين دڪانن تان وٺڻ تي مجبور آهن انهن چيو تہ صحت مرڪزن جي تباهي سبب علائقي جا ماڻهو بنيادي سهولتن کان محروم آهن جنهن جو فوري نوٽيس وٺي اسپتال کي فعال ڪيو وڃي اڳواڻن واضح ڪيو تہ مطالبن جي حل تائين احتجاج جاري رهندو

نصيرآباد: شهري اتحاد پاران لڳايل احتجاجي ڪئمپ ڏهين ڏينهن ۾ داخل ٿي وئي

سکر ۾ صدام لاشاري جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) ٻہ ڏينهن اڳ سکر ۾ فائرنگ دوران قتل ٿي ويل وڪيل صدام لاشاري جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف سکر جي وڪيلن سکر پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري ۾ شامل وڪيلن قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن معراج شيخ، ظهير بابر سندر چاچڙ سميت ٻين وڪيلن قتل واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو تہ سکر ۾ امن امان جي صورتحال مسلسل خراب ٿي رهي آهي. شهري ۽ واپاري، صحافي، وڪيل غير محفوظ آهن. وڪيلن مطالبو ڪيو تہ صدام حسين لاشاري جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ۽ شهر ۾ وڌندڙ ڏوهن کي روڪڻ لاءِ اثرائتي قدم کنيا وڃن تہ جيئن شهرين ۾ خوف ۽ هراس واري فضا ختم ٿي سگهي.

منگهو پير ٽائون ۾ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم جاري

سيوريج لائن کي کوٽڻ، تبديل ڪرڻ ۽ بحال ڪرڻ جي عمل جو تفصيلي جائزو

خراب سيوريج لائن جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهو پير ٽائون ۾ عوام جي ڀلائي لاءِ عملي قدمن جو سلسلو چيئرمين منگهو پير ٽائون حاجي نواز علي بروهي جي خاص نگراني ۾ جاري آهي ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي طور تي اڄ هڪ اهم ڪڙي طور علائقي ۾ سالن کان خراب ۽ بند ٿيل سيوريج لائن جي مسئلي جي مستقل حل لاءِ چيئرمين جي هدايتن تي لاڳاپيل هنڌ تي فوري طور تي انتهائي ضروري ڪم شروع ڪيو ويو هي سيوريج لائن ڪافي عرصي کان ٽٽل هئي جنهن جي ڪري ماڻهن خاص طور تي نمازي ۽ بزرگ شهري، گندگي، بدبو ۽ سيوريج جي پاڻي جي ڪري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا هئا. ان موقعي تي شهر جي نمائندن ۽ مختلف کاتن جي آفيسرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ وائيس چيئرمين منگهو پير ٽائون رانا محمد عارف، چيئرمين يوسي 7 اميد علي قاضي (جماعت اسلامي)، وائيس چيئرمين حافظ عمران اطلاعات سيڪريٽري شاهد نور، ايڪس اي اين سرجاني فهيم فهد رضا، واٽر بورڊ جا انجنيئر ٽائون اسٽاف ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شامل هئا. سڀئي آفيسر موقعي تي موجود هئا ۽ سيوريج لائن کي کوٽڻ، تبديل ڪرڻ ۽ بحال ڪرڻ جي عمل جو تفصيلي جائزو ورتو علائقي ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان خراب سيوريج لائن جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا. گهٽين ۾ سيوريج جو پاڻي جمع ٿيندو هو جنهن ڪري نمازين لاءِ مسجد ۾ وڃڻ ڏکيو ٿي پوندو هو ۽ رهواسين بار بار هن مسئلي جي نشاندهي ڪئي هئي عوامي شڪايتون ٻڌڻ کان پوءِ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ذاتي دلچسپي ورتي ۽ فوري ڪارروائي ڪئي ۽ واضح هدايتون جاري ڪيون تہ سيوريج لائن جي مڪمل مرمت ۽ نئين لائن وڇائڻ جو ڪم اڄ کان ئي شروع ڪيو وڃي تہ جيئن عوام کي وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن نہ ڏيڻو پوي. يو سي 7 جو چيئرمين اميد علي قاضي جيڪو جماعت اسلامي سان تعلق

ڪراچي: منگهو پير ٽائون ۾ پاڻي سيوريج لائن جو نواز علي بروهي جي هدايت تي موقعي تي ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ لائن وڇايون پيون وڃن

گهوٽڪي ۾ پ پ پ جي 58هون يوم تاسيس جي تقريب اڄ ٿيندي

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي پاڪستان پيپلز پارٽي جو 58هون يوم تاسيس اڄ ميرپور ماٿيلو ۾ شاندار طريقي سان ملهايو ويندو خبر موجب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع گهوٽڪي جي صدر وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي مير بابر علي خان لنڊ چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو 58هون يوم تاسيس اڄ 30 نومبر آچر ڏينهن منجهند 2 وڳي گهنٽا گهر ميرپور ماٿيلو ۾ شاندار طريقي سان ملهايو ويندو هن چيو تہ يوم تاسيس جي جلسي ۾ ضلع ڀر مان پارٽي ڪارڪن، عهديدار ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا جڏهن تہ پارٽي جي تاريخي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو ويندو يوم تاسيس جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ويڊيو لنڪ ذريعي جلسي کي خطاب ڪندو

دوڙ پرسان 6 مهينا اڳ قتل ڪيل سومر بروهي جي وارثن جو احتجاج

مقتول جو ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڪيس داخل نہ ڪيو ويو: وارث

غريب مسڪين آهيون اسان جي ڪير بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، ڌمڪيون ملي رهيون آهن

جيئي شاهہ ٽائون يوسي 7 ۽ 9 اندر گندگي ۽ گذريل ٻن مهينن کان گندگي خلاف احتجاج

گهرن ۾ گٽرن جو گندو پاڻي بيهڻ خلاف علائقي واسين احتجاج ڪندي انتظاميہ خلاف سخت نعريبازي ڪئي

گذريل ڪيترن ئي سالن کان اسان جي علائقن اندر گندگي جا ڍير لڳل آهن، پيئڻ جي لاءِ پاڻي موجود ناهي: مظاهرين

يوسي 7 ۽ يوسي 9 اندر صرف ڪرپشن ڪئي پئي وڃي عوام جي گهرن ۾ بہ ڪان تي فٽ پاڻي بيٺل آهي، نوٽيس ورتو وڃي

سکر پوليس جي وڏي ڪارروائي، مئل ۽ بيمار جانورن جو گوشت سپلاءِ ڪندڙ گودام تي ڇاپو

پوليس پاران وڏي مقدار ۾ مئل جانورن جو گوشت هٿ، 3 جوابدار گرفتاري بعد آزاد ڪرڻ جو انڪشاف

جوابدار ڊگهي عرصي کان مئل جانورن جو گوشت خريد ڪري سکر شهر جي مختلف هنڌن تي سپلائي ڪندا هو: پوليس

پوليس پاران پڪڙيل جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏڻ جو انڪشاف، ساڃاهہ وندن پاران فوري طور تي اڻڌري جاچ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي وڏي ڪارروائي، مئل ۽ بيمار جانورن جو گوشت سپلاءِ ڪندڙ گودام تي ڇاپو وڏي مقدار ۾ مئل جانورن جو گوشت هٿ، 3 جوابدار گرفتاري بعد آزاد ڪرڻ جو انڪشاف. گوشت فروش ذريعا ان سلسلي ۾ سکر پوليس جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي حڪم تي اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) صهيب امين جي سربراهي ۾ 15 اسسٽنٽ انچارج عبيد ڪندڙ گروهہ خلاف وڏي ڪامياب ڪارروائي دوران گودام مان وڏي مقدار ۾ صحت لاءِ نقصانڪار بدبودار ۽ ناقص گوشت هٿ ڪري 03 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جوابدار ڊگهي عرصي کان مئل جانورن جو گوشت خريد ڪري سکر شهر جي مختلف هنڌن تي سپلائي ڪندا هئا جنهن سان شهرين جي صحت کي سخت خطرو هوندو هو. جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وئي جڏهن تہ وڌيڪ جاچ جو عمل جاري صحت سان کيڏڻ وارن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو ٻئي طرف گوشت فروش ذريعن موجب پوليس پاران پڪڙيل جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏڻ جو انڪشاف ڪيو آهي جڏهن تہ پوليس گرفتار ڪيل ٽن جوابدارن جا نالا بہ ظاهر ناهن ڪيا. سکر جي شهرين ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي تہ گرفتاري کانپوءِ آزاد ڪيل انساني صحت لاءِ سخت هاڃيڪار گوشت جو وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 30 نومبر 2025ع

ترقي، ڪارونجهر کي کوٽڻ ۾ نه پر اُن کي تحفظ ڏيڻ ۾ آهي!

پورٽ گرينڊ ۾ ٽن ڏينهن واري سنڌ ڪرافٽ فيسٽيول جي افتتاح ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته نون صوبن جي ڳالهه هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيو. سندس چوڻ هو ته اسان جو ڌيان انهيءَ تي آهي ته سنڌ جي ثقافتي ڪم ۽ دستڪاريءَ کي اها سڃاڻپ ۽ حوصلا افزائي ملي جنهن جي اها حقدار آهي. سندس چوڻ هو ته ڪارونجهر اسانجو اثاثو آهي، انهيءَ جي تاريخي هنڌن ۾ ڇيڙڇاڙ نه ٿيندي پر ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ به اچڻ نه ڏينداسين. اڳ ۾ ٿر جي ڪوئلي ڪيڻ وقت به اهڙو ئي ردعمل آيو هو پر پوءِ هاڻي ٿر جي ڪوئلي مقامي ماڻهن جي قسمت بدلائي ڇڏي آهي.

سنڌ جي وڏي وزير جيتوڻيڪ سڌيءَ ريت ڪارونجهر کي کوٽڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي، پر ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجڻ وارو اشارو ڪيترا ئي ابهام پيدا ڪري ٿو جنهن جو عام ماڻهو اهو ئي مطلب ڪڍن ٿا ته سنڌ سرڪار عوام جي مطالبن کي نظرانداز ڪرڻ جو سوچيو آهي. سنڌ وٽ زرخيزي، ثقافت، تاريخ ۽ قدرتي خزانن جو اڻکٽ ذخيرو موجود آهي. پر انهن مان ڪيترا ئي خزانا اڄ به سرڪاري بي ڌيانيءَ يا تجارتي مفادن جي نذر ٿي وڃن ٿا. ڪارونجهر جبل رڳو پٿر جو ٽڪرو ناهي، اها هڪ تهذيبي علامت، تاريخي ورثو قديم ماڳ ۽ ماڻهن جي عقيدت سان جڙيل سڃاڻپ آهي. جڏهن اهڙي مقدس ۽ اهم ورثي کي کولڻ جو اشارو ڏنو وڃي ٿو ته سوال ضرور جنم وٺي ٿو ته ڇا حڪومت وٽ اهڙي رٿابندي آهي جنهن سان ماحوليات، آثار قديمه، مقامي آبادي ۽ قدرتي حسن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻائي سگهجي؟ وڏي وزير جو بيان اهو يقين ڏياري ٿو ته ”ٿر ۾ ڪوئلو ڪڍيو ويو ته مقامي ماڻهن جي قسمت بدلجي وئي.“ سائينءَ وڏي جي ڳالهه سان اسين سو سيڪڙو متفق آهيون. آمدرفت جي حوالي سان ته ٿر واسين کي ضرور سهولتون ميسر ٿي مليون آهن. پر سندن زمين مان ڪارو سون ڪيڻ جو اجا تائين ڪو گهڻو فائدو ناهي رسيو. اڄ به ٿر جا اڪثر علائقا بجليءَ جهڙي سهولتن کان محروم آهن. پاڻيءَ جو ساڳيو ڏڪار آهي. دوائن جي کوٽ يا ويڪسين نه هجڻ جون خبرون به وقت بوقت رپورٽ ٿينديون رهن ٿيون. ها ايتري تبديلي ضرور ٿر ۾ ڏسي سگهجي ٿي ته ڪالهه تائين جيڪي ’پلي ٻڪ پرم جي‘ واري اصول تي قائم هئا، اڄ اُنهن ئي ماڻهن جا معصوم ٻارڙا تفريح لاءِ ايندڙ ويندڙ گاڏين کي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسندي خيرات لاءِ هٿ ضرور ڦهلائين ٿا. اِها به ته تبديلي ئي چئبي نه!؟

جيستائين ”سنڌ کي ورهائڻ جو ڪنهن وٽ اختيار ناهي“ واري ڳالهه جو سوال آهي ته اُن لاءِ ايترو ئي چئي سگهجي ٿو ته ورهاڱو رڳو نقشو ڪيڻ سان ناهي ٿيندو. ورهائڻ تڏهن به ٿيندو آهي جڏهن ماڻهن جي زبان ثقافت، تاريخ، وسيلن ۽ زندگيءَ کي نظرانداز ڪيو وڃي، انهن جي آواز کي اڻٻڌو ڪيو وڃي، انهن جي محنت کي ٿلهو سمجهيو وڃي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته ڪارونجهر لاءِ مڪمل تحفظاتي فريم ورڪ جو اعلان ڪري، ماحولياتي ماهرن، قديم آثارن جي ماهرن ۽ ٿر جي مقامي آباديءَ سان گڏ مشاورت ڪري شفاف پلان پيش ڪري. ترقي ٻين قومن کان قرض وٺڻ يا زمينون وڪڻڻ سان نه پر پنهنجي تاريخ، پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي قيمت سمجهڻ سان ٿيندي. ڪارونجهر بچندو ته سنڌ جو روح بچندو اسين ته اِهو ئي سمجهون ٿا ته ٿر جي قسمت ڪوئلي سان گڏ ڪارونجهر جي سونهن به بدلائي آهي. سالانه لکين ماڻهو جيڪڏهن ٿر جي سير تي نڪرن ٿا ته اُهي ڪوئلو ڏسڻ نٿا وڃن. بلڪ ڪارونجهر جي سونهن تي موهجي اُهي گاڏين ۾ نڪري پون ٿا. تنهن ڪري جيڪڏهن حڪمرانن کي ترقيءَ جو ايترو ئي اونو آهي ته پوءِ ڪراچيءَ کان بدين تائين سمنڊ جي ڏکڻي پٽي آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي تفريحي ماڳ جوڙي سگهجن ٿا. جنهن سان نه رڳو سنڌ جي ماڻهن کي تفريح جو موقعو ميسر ٿي ملندو پر اُنهن مان ڪاوڙ ڪروڙ ڪينو ۽ ڪَڏين رسمن جو خاتمو به ٿي پوندو اهڙن عملن ۾ نه ته عوام رڪاوٽ بڻجندو نه ئي وري ڪو ٻيو. تنهن ڪري سنڌ سرڪار کي اِن پاسي ويچارڻ گهرجي.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جي سِجهائِي سڱ، ته پڻَ سِڪي سَسُئِي؛
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هڏِ نه پَڳِيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُڃَ ٿئي.

(سُر مسئي آبري)

بي روزگاريءَ جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو!

محمد ابراهيم خليل

پاڪستان ۾ لکين نوجوان ڊگريون هٿ ۾ ڪٽي، اکيون اميدن سان ڀري، جڏهن شام جو گهر موٽن ٿا ته سندن خالي نگاهون، مرجهايل چهرا، پيشانيءَ تي پيل مايوسيءَ جون لڪيرون بنا ڪجهه چئي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏين ٿيون. مهينن جي ترقيءَ جي تلاش ۾ لڳاتار ڌڪا کائڻ بعد ساڳي ڊگري ساڳي رهي ٿي، پر ڀڳهار اُن شخص جيتري ملي ٿي، جيڪو گهٽ پڙهيل آهي ۽ آخرڪار نوجوان مجبور ٿي اوچتي ڪم ۽ گهٽ مزدوريءَ تي به راضي ٿي وڃن ٿا. حڪومت جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پگهار 40 هزار رپيا مقرر ٿيل آهي پر حقيقي دنيا جو منظر مختلف آهي. ڪير ڪنهن کي 20 هزار ڏئي ٿو! ڪير ڪنهن کي 25 هزار ۽ گهٽ پڙهيل مزدور جيڪي صبح 7 وڳي کان رات 11 تائين دڪانن تي ڪم ڪن ٿا، انهن مان ڪي 12 هزار ته ڪي 15 هزار رپيه پگهار تي گهر جو گاڏو هلائين ٿا.

نئين ليبر فورس رپورٽ موجب پاڪستان ۾ 80 لک ماڻهو بي روزگار آهن ۽ بي روزگاريءَ جي شرح وڌي 7.1 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. پر معاشي ماهرن جو خيال آهي ته اصل تعداد هڪ ڪروڙ کان به وڌيڪ آهي. هن تعداد ۾ اهي نوجوان به شامل آهن. جيڪي اعليٰ ڊگريون هوندي به گهٽ ۾ گهٽ پگهار تي نوڪري ڪرڻ تي مجبور آهن. اها ڊگري جيڪا ڪڏهن جشن جو سبب هئي، جيڪا والدين جو فخر هئي، اڄ سوال پڇي ٿي: ”ڇا مان سرمايو هيس؟ يا رڳو ڪاغذ جو گل؟“ هن رپورٽ ۾ اهي به شامل ناهن جن کي ”بي روزگار“ جيو وڃي ٿو مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن ٻنيءَ ۾ اڳ ۾ ئي ٻن ماڻهن جي ضرورت آهي ۽ وڌيڪ به بي روزگار شامل ڪيا وڃن ته مزدور چار ٿي ويندا پر فصل جي پيداوار ساڳي رهندي. چوپائي مال جا به ذاتي ماڻهو ڪير جي ڏهائي ڪن ٿا، چار به هلائين پوءِ به ڪير اوترو ئي نڪرندو. اهڙن ٻه وڌيل ماڻهن کي مستور بي روزگار جيو وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن انهن کي به شمار ڪجي ته بي روزگار ماڻهن جو انگ سوا ڪروڙ کان وڌي وڃي ٿو.

رپورٽ ٻڌائي ٿي ته سرڪاري طور پگهار 40 هزار رپيه آهي پر حقيقت ۾ اهڙو ڪجهه ناهي. ڪير ميڪينڪ تي روزانو 50 رپيه ڪمائي ٿو ڪير وري رڳو منجهند جي ماني ۽ شام جي چانهه تي گذارو ڪري ٿو ڪو ڪرياني جي دڪان تي ڪم ڪري 12 هزار رپيه وٺي ٿو. رپورٽ موجب پاڪستان ۾ ليبر فورس جو انگ 7 ڪروڙ 72 لک کان به وڌي ويو آهي ۽ اصل انگ ان کان به وڌيڪ ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان ۾ بي روزگاري محنت جي ورچ جي ناڪامي نه پر موقعن جي ورچ جي ناڪامي آهي. ٻنيءَ ۾ اوزار گهٽ آهن پر هاري وڌي ويا آهن. شهرن ۾ ڊگريون گهڻيون آهن پر نوڪريون تمام گهٽ. اهو ڪهڙو نظام آهي، جتي محنت ڪندڙ هٿ بوجهه بڻجي ويا آهن طاقت بدران؟ هتي پڙهيل لکيل نوجوان نوڪرين جي کوٽ سبب گهٽ پگهار ۾ جڪڙجي رهيا آهن. الميو اهو ناهي ته ڪم گهٽ آهي، اصل الميو هيءَ آهي ته قابليت جام آهي ۽ ان جي قيمت گهٽ ملي ٿي. هتي شڪست رڳو معيشت جي ناهي، انساني صلاحيت به مرجهائجي رهي آهي. آخر ڪيستائين نوجوان پنهنجا خواب زمين تي وڇائيندا ۽ بدلي ۾ رڳو چند پيسن جي فصل مزدوري ۾ حاصل ڪندا؟ ڇا تعليم سدائين ڏهاڙيءَ جي پيٽ ۾ سستي رهندي؟ PBS رپورٽ موجب زراعت ۽ مڇي مارڻ جهڙا روايتي شعبا روزگار ڏيڻ ۾ پوئتي پئجي ويا آهن. هر سال لکين شاگرد يونيورسٽيون مڪمل ڪن ٿا پر مهارت ۽ نوڪريءَ جو فرق ايترو وڏو آهي جو تعليم باوجود تعليم يافته بي روزگار وڌي رهيا آهن. شهرن جي حالت ته آهي ئي پر ڳوٺن ۽ ٻهراڙين جا نوجوان به وڏن شهرن ۾ سالن جا سال هاسٽل ۾ رهي، گهٽ کاڌو کائي، تعليم حاصل ڪري واپس موٽن ٿا ۽ پوءِ سي وي موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيندو آهي. آخر ٿڪجي هارجي والد هٿ پڪڙي ٻنيءَ ۾ ساڳئي سطح

چا پيپلز پارٽيءَ جا قيام وارا مقصد پورا ٿي سگهيا؟

احسان ابڙو

اڄ کان 57 سال اڳ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، ايوب خان جي حڪومت کان الڳ ٿي، پاڪستان جي مظلوم ۽ پيڙهيل طبقي، زميندارن ۽ وڏن جاگيردارن جي غلام هارين، ارب پتي صنعتڪارن جي مظلوم مزدورن، شاگردن ۽ سماج جي هر طبقي لاءِ هڪ اهڙي پارٽي قائم ڪئي، جنهن جو مقصد انهيءَ طبقي کي سماج ۾ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪرڻ جي طاقت ۽ اختيار ڏيڻ هو، جنهن جا اهي حقدار هئا.

شهيد ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ذريعي ملڪ جي هر مظلوم کي فيض جي هنن شعرن ”ہم محکوموں کے پاؤں تلے ، جب دھرتی دھڑ دھڑ دھڑکے گی“ وانگر طاقت ۽ توانائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

پيپلز پارٽي پاڪستان جي هر غريب ماڻهوءَ جي آواز بڻجي وئي. شهيد ڀٽو هر مظلوم، غريب، هارين، شاگردن ۽ مزدورن جي دل جي ڌڙڪن بڻجي ويو، هر جهوپڙي، هر ڪچو گهر گهٽي محلي ۽ چوراهن تي پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو.

اڄ پيپلز پارٽيءَ جي بنياد کي 57 سال گذري ويا آهن. غريبن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽيءَ جا اڳواڻ شهيد ٿي ويا ۽ پوءِ عوامي سياسي ورثي کي پنهنجي اولاد وانگر پاليندڙ ۽ مشڪلاتون برداشت ڪندڙ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي به عوام کان پري ڪيو ويو.

ڀٽو شهيد بينظير کي سندس 25هين سالگرهه تي هڪ خط لکي سالگرهه جي تحفي طور عوام جو هٿ سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو هو ته ”منهنجي پياري ڌيءَ! مان توکي صرف هڪ پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو جيڪو تاريخ جو پيغام آهي. پنهنجي عوام تي ڀروسو رکڻ، انهن جي ڀلائي ۽ برابريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ. الله جي جنت، ماءُ جي پيرن هيٺان آهي، جڏهن ته سياست جي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي. مان جيل جي سلاخن جي پويان توکي ڇا تحفو ڏئي سگهان ٿو جتان مان پنهنجو هٿ به ٻاهر نه ڪڍي سگهان. بس اڄ مان تنهنجي هٿ ۾ عوام جو هٿ ڏئي رهيو آهيان ۽ مون کي خبر آهي ته اِن کان بهتر تحفو توکي ڪير به نه ڏئي سگهي.“

۽ پوءِ شهيد راڻي پنهنجي والد جي ڏنل ان عظيم تحفي کي نه صرف سنڀاليو پر عوام جي ڀلائيءَ ۽ برابريءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه وقف ڪري ڇڏيو ۽ آخرڪار انهن ئي عوام ۽ ڌرتي ماءُ لاءِ پنهنجي قيمتي جان قربان ڪري ڇڏيائين.

بي بيءَ جي شهادت کان پوءِ، استحصالي ۽ مظلوم طبقن لاءِ نهيل انهيءَ عوامي آواز، يعني پيپلز پارٽيءَ جو مزاحمتي ۽ طاقتور ڌرين جي مخالفت وارو ڪردار گهٽجي ويو. جيڪو هميشه مظلومن جي پيرن هيٺان ڌرتيءَ کي ڌڙ ڌڙ ڌڙڪائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو هو.

پيپلز پارٽيءَ کي سندس اڳواڻن پنهنجي خون سان نه صرف زنده رکيو، پر عوام کان پري ٿيڻ نه ڏنو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽي 2008ع ۾ اقتدار ۾ آئي. اهڙي ڏکئي ۽ نازڪ صورتحال ۾ پارٽيءَ جي اڳواڻي شهيد راڻيءَ جي شريڪِ حيات محترم آصف علي زرداريءَ سنڀالي ۽ بي بي شهيد جي وصيت مطابق سندس فرزند بلاول ڀٽو زرداريءَ کي پارٽيءَ جو ”چيئرمين“ مقرر ڪيو ويو.

آصف علي زرداري ڀهرين دور ۾ پارٽيءَ جي مزاحمتي شڪل برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. هن صدارتي منصب سنڀالڻ ڪانپوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 1973ع جي متفقه آئين جي بحاليءَ جو ڪم ڪيو ۽ 2010ع ۾ جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل پرويز مشرف جي آمراڻي ترميم کي ختم ڪندي 18هين ترميم منظور ڪرائي. هن پنهنجا صدارتي اختيار پارليامينٽ ڏانهن منتقل ڪيا ۽ پارٽيءَ جي آئين ۽ جمهوريت پسنداڻي نظريي کي عملي روپ ڏنو.

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت شهيدن جي خيالن ۽ فڪر مطابق عوام کي روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان جهڙي منشور تي عمل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌايو. هزارين نوجوانن کي نوڪرين ۾ بحال ڪيو ۽ ٻين بي روزگار نوجوانن لاءِ وڌيڪ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا.

شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومتن دوران عالمي ۽ ملڪ جون حالتون مختلف هيون ۽ اُنهن ماڻهن سوچيو ۽ عمل ڪيو جن پنهنجي خون سان عوامي جمهوري ٻوٽي جي آبياشي ڪئي. هاڻي حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ پيپلز پارٽي، جيڪا اڳ عوامي، جمهوري، سوشلسٽ ۽ طاقتور ڌرين جي مخالف طور مشهور هئي، اها هاڻي مفاهمت، مصالحت ۽ پرو اسٽيبلشمينٽ جماعت طور نئين سياسي سڃاڻپ سان بيٺل آهي.

اها پيپلز پارٽي جيڪا ڀهرين پنهنجي جذباتي ۽ نظرياتي جانثار ڪمن جي ڪري منفرد سڃاڻپ رکندي هئي، هاڻي درباري ۽ خوشامد ڪندڙن جي گهيري ۾ پنهنجي سڃاڻپ کان پري ٿي وئي آهي. پنجاب ملڪ جي معزز صدر جي مفاهمت ۽ مفادن جو شڪار ٿي چڪو آهي ۽ ڏکڻ پنجاب پڻ غير اثرائتي تنظيمي ۽ سياسي فيصلن سبب پارٽيءَ جي هٿن مان نڪري چڪو آهي.

شهيد راڻي پارٽيءَ جي نوجوانن ۽ عورتن کي روشن مستقبل طور سمجهي رهي هئي پر گذريل ڪجهه سالن کان پارٽيءَ جي يوٿ ونگ، شاگردن جي ونگ ۽ عورتن جي ونگ جي قيادت انهن کي ڏني وئي آهي، جن پنهنجي ناتجربيڪاريءَ، ذاتي مفادن ۽ خواهشن کي حاصل ڪرڻ ۽ پورو ڪرڻ لاءِ هن پوري مزاحمتي نظرياتي ڪيڊر کي ختم ڪري ڇڏيو.

سنڌ، جيڪو پيپلز پارٽيءَ جو ڳڙهه آهي ۽ پارٽي هتي چار ڀيرا اقتدار ۾ آئي آهي، پر هتي به تنظيمي طور تي پارٽي ڪمزور آهي. اقرباپروري وڌي وئي آهي ۽ ويجهن ماڻهن کي اهم عهدن تي مقرر ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ته جيئن ڪو سوال ڪندڙ باقي نه رهي. نظرياتي ماڻهن جي اڪثريت درباري ۽ خوشامد ڪندڙ بڻجي وئي آهي.

گذريل ڪجهه سالن دوران سنڌ ۾ اينٽي پيپلز پارٽي رويا وڌي ويا آهن، جنهن جو سبب غير مقبول، غير دانشمندانه تنظيمي فيصلا آهن. سنڌ ۾ عوام جي سخت ناراضگي ۽ مزاحمت پارٽيءَ کي سامهون آهي. اڳ مزاحمتي تحريڪ جي اڳواڻ بڻيل اڪثريت هاڻي پارٽيءَ کان بيزاريءَ جو اظهار ڪري رهي آهي. سنڌ جي عوام پارٽيءَ جي قيادت طرفان غير واضح، مفاهمت ۽ منافقاڻي طرز عمل تي ناراض آهي. اينٽي پيپلز پارٽي رويا وڌي رهيا آهن ۽ مخالف قوتون پڻ سياسي طاقت حاصل ڪري رهيون آهن.

اڄ پيپلز پارٽيءَ جي قيام جي ڏينهن تي ضروري آهي ته نظرياتي جانثارن کي ٻيهر سرگرم ڪيو وڃي ۽ پارٽيءَ جي صفن کي ايمانداري، غير جانبداري ۽ منصفاڻي طريقي سان درست ڪيو وڃي، جيئن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پوکيل ٻوٽو، جيڪو شهيد راڻيءَ طرفان مضبوط وڻ بڻايو ويو هو، ان کي سڪڻ ۽ ختم ٿيڻ کان بچائي سگهجي. موجوده عالمي ۽ داخلي سياسي حالتن ۾، پيپلز پارٽيءَ جو نقصان پاڪستان جي مظلوم طبقن جو نقصان ٿيندو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا 58 سال!



اسحاق سومرو

پاڪستان پيپلز پارٽي اڄ پنهنجي 58هين سالگرهه ملهائي رهي آهي، جنهن جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي 30 نومبر 1967ع تي لاهور ۾ وڌو هو. ان کان اڳ بئريسٽر ذوالفقار علي ڀٽي سياست جي شروعات ايوب خان جي ڪابينا ۾ شموليت سان ڪئي، تاشقند جي معاهدي تان ڀٽي صاحب جا ايوب خان سان اختلاف ٿيا جنهن جي ڪري هن وزارت تان استعيفي ڏئي ڇڏي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو. پارٽيءَ جو بنياد چئن اصولن تي رکيو ويو جن ۾ اسلام اسان جو دين، جمهوريت اسان جي سياست، سوشلزم اسان جي معيشت ۽ طاقت جو سرچشمو عوام آهي. پارٽي ٺاهڻ ڪانپوءِ ڀٽي صاحب ايوب خان کي استعيفي ڏيڻ تي مجبور ڪيو ۽ ٽن سالن کان پوءِ پاڪستان جي تاريخ جي پهرين هڪ ووٽ، هڪ فرد جي حيثيت سان ٿيندڙ اليڪشن ۾ مغربي پاڪستان، خاص طور تي پنجاب ۽ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ شاندار ڪاميابي ماڻي جيتوڻيڪ مشرقي پاڪستان مان شيخ مجيب الرحمان جي پارٽي عوامي ليگ پڻ اليڪشن ۾ واضح اڪثريت حاصل ڪئي پر باوجود ان جي کيس اقتدار نه ڏنو ويو.

پاڪستان جي آزاديءَ کان پوءِ 23 سالن تائين پاڪستان ۾ حڪومتي ڍانچو آمراڻو ۽ بيوروڪريٽڪ رهيو، متفق آئين جو نه هجڻ، سياسي پارٽين جو ڪمزور هجڻ، توڙي غير جمهوري قوتن جو راڄ رهندو پئي آيو. ملڪ به حصا ٿيو ۽ بنگلاديش جي نالي سان هڪ نئون ملڪ وجود ۾ اچڻ بعد باقي بچيل پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پهرين جمهوري ۽ عوام دوست پارٽي ٿي سامهون آئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي، ان جي قيادت توڙي ورڪرن گذريل 58 سالن ۾ هن ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ جيتريون قربانيون ڏنيون آهن، ان جو مثال ملڪي تاريخ ۾ ورلي ئي ملندو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت جو هيٺئر سنڌ ۾ ٽيون دور حڪومت هلندڙ آهي. ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بنياد وجهڻ 1967ع کان وٺي 1979ع تائين صرف 12 سال مليا، جنهن ۾ هن عوام کي زبان ڏيڻ سان گڏ اقتدار به ماڻيو ملڪ کي ترقي، خوشحالي ڏني ۽ پنهنجي پارٽي ٺاهڻ کان پوءِ جي 12 سالن جي مختصر عرصي ۾ عالمي قوتن، جنرلن ۽ ججن جي گڏيل سازشن ذريعي نه رڳو کيس اقتدار کان محروم ڪيو ويو پر کيس سوليءَ تي چاڙهيو ويو.

هن صدر ۽ وزيراعظم جهڙا اعليٰ عهدا ماڻيا، 1973 جو آئين ڏنو ۽ لاهور ۾ سڀ کان وڌيڪ ملڪن جي نمائندن کي هتي گڏرايو ۽ کين ”اسلامي سربراهي ڪانفرنس“ ۾ گڏجي وهاريو کيس اپريل 1979ع ۾ راولپنڊيءَ جي جيل ۾ ڦاسي ڏئي سندس لاش کي لاڙڪاڻي موڪليو ويو جتان سندس نوجوان ڌيءَ بينظير ڀٽو والد صاحب جي ڇڏيل پارٽيءَ کي اڳتي ڪٺي هلي، جنهن پنهنجي 30 سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ ٻه دفعا وزيراعظم جو عهدا ماڻيو. بينظير صاحبه جيل ۽ جلاوطني ڏٺي، ٻن ڀائرن جا لاش پنهنجي هٿن سان دفنايا، ملڪ جي وقار کي وڌايو پر کيس به راولپنڊيءَ جي ساڳئي شهر ۾ انتهاپسندن ۽ آمرن قتل ڪرائي ڇڏيو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وڏن اڳواڻ ڀارانِ اڳواٽي ڪرڻ جي حساب سان ٽيون دور آهي. جيڪو بينظير ڀٽو جي شهادت (2007ع) کان پوءِ شروع ٿيو، جنهن جي قيادت اڳوڻو پرڏيهي وزير ۽ پ پ پ جيئرمين بلاول ڀٽو ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري ڪري رهيا آهن.

ذوالفقار علي ڀٽي جي سوانح حياتي لکندڙ مشهور آمريڪن بايو گرافر اسٽينلي والپرٽ ”ذلفي ڀٽو آف پاڪستان“ ۾ لکي ٿو ته ذوالفقار علي ڀٽي جي وڏي ۾ وڏي خواهش هئي ته هو ”سنڌ جو وزيراعليٰ“ بڻجي، ڇاڪاڻ ته سندس والد شاهنواز ڀٽو 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ٿيندڙ پهرين چونڊن ۾ اتحاد پارٽيءَ جي اڳواڻ هوندي به پنهنجي شهر لاڙڪاڻي مان، ٽئي جائي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کان چونڊ هارائي ويو هو ان صدمي ۾ هن سياست کي خيرآباد چئي بمبئي وڃي وسائي، جتي هن بمبئي سرڪار جي نوڪري سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ”جيئرمين“ طور ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي پيءُ جي شڪست واري بدلي ۾، سنڌ کان به وڌيڪ ملڪ جي وزيراعظم، ”ايشيا جي سڀ کان وڏي مسلم ليڊر“ جي رتبي سان گڏ دنيا ۾ قاسيءَ تي چڙهندڙ ليڊرن ۾ پنهنجو نالو لکرايو سندس ڌيءَ، جيڪا پڻ چند مهينا پهرين ٻاهران تعليم مڪمل ڪري ملڪ ۾ موٽي آئي هئي، کيس پرڏيهي وزارت ۾ نوڪري ڪرڻ جو شوق هو هن پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) تي فارين افيئرس تي ڪجهه پروگرام پڻ ڪيا پر کيس سندس پيءُ جي هٽائڻ کان پوءِ سندس مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ حادثاتي طور تي سياست ڪرڻي پئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي، جنهن جي ڪارڪنن ۽ قيادت جو قربانين جي ڪري پارٽيءَ اڄ به سنڌ ۾ ناقابل شڪست رهندي پئي اچي. 1970ع جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي، جي ايم سيد، ايوب کهڙو، قاضي فضل الله، پير علي محمد راشدي جهڙن مدبر سياستدان جيڪي 1937ع کان وٺي سنڌ جي سياست جا وڏا سياستدان سمجهيا ويندا هئا، تن کي چونڊن ۾ شڪست ڏئي سنڌ ۾ هڪ مضبوط سياسي ۽ عوامي پارٽيءَ جو بنياد وڌو ڇاڪاڻ ته ان کان پهرين سنڌ ۾ ڪابه عوامي پارٽي يا مضبوط سياسي قيادت وجود ۾ نه هئي، شخصيتون اليڪشن ڪٽينديون هيون، حڪومتون ٺاهينديون ۽ ڊاهينديون هيون پر عوامي سياست جو سنڌ ۾، بلڪ پوري ملڪ ۾ ڪو مثال نه ٿو ملي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ به سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مقابلو پراڻا خاندان ۽ شخصيتون ڪندا رهن ٿا، ڪوبه مقابلي جهڙو متبادل نهي نه سگهيو آهي.

پاڪستان جي موجوده سياسي پس منظر جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته گذريل ويهن سالن کان وٺي ملڪي ليول تي ڪابه پارٽي اليڪشن ڪٽي نه سگهي آهي. جيئن پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾، مسلم ليگ (ن) پنجاب ۾، تحريڪ انصاف صوبي خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب ۾ اليڪشن ڪٽين ٿيون، جڏهن ته مسلم ليگ (ن) سنڌ ۾ هڪ به سيٽ نه کٽي سگهي آهي، تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته هاڻي پاڪستان جو سياسي منظرنامو اُٿين ئي رهندو.

باوجود انهن سڀني ڏکيائين جي پاڪستان پيپلز پارٽي هن وقت تائين 1970ع کان 2024ع تائين پنج دفعا مرڪز ۾ ۽ سنڌ ۾ 8 دفعا اقتدار ماڻيو آهي. شايد پاڪستان پيپلز پارٽي برصغير جي واحد پارٽي آهي، جيڪا گذريل 55 سالن کان وٺي هڪ ئي صوبي سنڌ ۾ هر اليڪشن ڪٽيندي پئي اچي.

آصف زرداري، جيڪو بينظير جي شهادت کان پوءِ چئن سالن جي خود ساختا جلاوطنيءَ کان پوءِ نه رڳو ملڪ آيو بلڪ پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ۽ پنهنجي حڪمتِ عمليءَ تحت مرڪز ۾ يوسف رضا گيلانيءَ کي وزيراعظم چونڊرايو ۽ پاڻ پاڪستان جي سڀ کان اهم آئيني عهدي صدر جي عهدي تي فائز ٿيو جنهن لاءِ کيس هڪ پيرو بيهر چونڊيو ويو آهي. آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽي جي قيادت هيٺ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾ پنهنجي صلاحيتن جي ڪري هر اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻي سنڌ ۾ هي چوٿون دفعو حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. اڄوڪو پاڪستان جتي ٻن صوبن خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي حالتون، دهشتگردي، بنيادپرست قوتن جو وڌڻ واري گنڀير صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اهميت وڌي وئي آهي. جيستائين سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو تعلق آهي ته ان جي قيادت آصف علي زرداريءَ جهڙو غيرمعمولي ماڻهو ڪري رهيو آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا 11 سال جيل ۽ 4 سال جلاوطنيءَ ۾ گذاريا آهن. جيترو هو ملڪ جي سياست کي سمجهي سياست ڪري رهيو آهي، اهو پلي ڪيترن کي پسند نه به اچي پر پارٽيءَ کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ، اقتدار جو حصو ٿيڻ ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ ويهن سالن کان لڳاتار حڪومت ڪرڻ سندس جي ڪامياب سياسي حڪمت عمليءَ جو چٽو ثبوت آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو 58 سالن کان اقتدار توڙي مخالف ڌر يا اپوزيشن ۾ رهڻ ۽ پنهنجي مقبوليت برقرار رکڻ ئي پارٽيءَ جي ڪاميابي آهي. جڏهن 1970ع ۾ بنگال ۾ تمام وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندڙ پارٽي عوامي ليگ، جنهن 30 لک بنگالين جي قربانين سان ملڪ آزاد ڪرايو. اڄ ان پارٽيءَ کي جنهن بدترين نموني سان نيڪالي ڏني وئي آهي، اهو به تاريخ جو تلخ ترين مثال آهي. ملڪي سطح تي توڙي سنڌ ۾ به اڄ ڀٽو دوستي ۽ ڀٽو دشمني واري سياست جاري آهي. ڀٽي جي قربانيءَ ۽ سندس خاندان جون قربانيون ۽ عوام کي زبان ۽ سياسي شعور ۽ سگهه ڏيڻ واريون خوبيون پاڪستاني سياست جو محور آهن. اهو ئي سبب آهي جو 58 سالن کان پوءِ به ملڪ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي قائم ۽ دائم آهي.

ishaksoomro@yahoo.com

سياست جو رخ ۽ عام ماڻهن جا مسئلا!



منظور ڪوسو

ڪافي وقت کان پارليامينٽ توڙي صوبائي اسيمبلين ۾ وڏي گهماگهمي ۽ هَل هنگامو لڳو پيو آهي پر جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته ان هَل هنگامي ۾ ڪا هڪ ڳالهه به اهڙي ناهي جيڪا عوام جي مفادن وٽان هجي. ماڻهن سياستدانن ۾ جيڪي اميدون رکي انهن کي چونڊي اسيمبلين ۾ موڪليو، ڪا هڪ اميد به انهن جي پوري نه ٿي ۽ هر پيري ماڻهن سان اُئين ئي ٿيو آهي. عوام جي فلاح لاءِ نه ته ڪا قانون سازي نه ڪا ترميم پر ها جتي پنهنجن مفادن جو مسئلو هجي ته پوءِ ڪا ويرم ئي نه لڳندي، اتفاق راءِ به ٿي ويندا ته ڪورم به پورو ٿي ويندو ۽ قانون به ٺهي ويندا.

هڪ حقيقت پڌري پٽ پئي آهي ته عوام جي حقيقي مسئلن طرف ڪڏهن به گهربل ڌيان نه ڏنو ويو آهي. اسانجي پارليامينٽ، قانون ۽ اهم ادارا سڀ سياست جي جوگرد پيا ڦرن ۽ سياست سياستدانن جي ذاتي مسئلن ۽ مفادن جو محور بڻيل آهي. بنا وڏاءَ جي چئي سگهون ٿا ته ڪي ورهيه گذري ويا، ملڪ ۾ عوامي اشوز تي ٿيندڙ سياست جو خاتمو ٿي چڪو آهي. پارلياماني سياست اشرافيه جي مُٺ ۾ بند آهي، جنهن مان هو پنهنجا مفاد ماڻين ٿا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جنهن سياست جي ديويءَ کي محلاتن جي چوديواريءَ مان ڪڍي گهٽين، روڊن، رستن، واهڻن ۽ چوپالن تي سرعام بحث جو موضوع بڻايو هو ۽ عام ماڻهوءَ کي ملڪي حالتن ۽ پنهنجن مسئلن تي ڳالهائڻ جو شعور بخشيو، ان جي شهادت ڪانپوءِ سياست وري يرغمال ٿي وئي ۽ سياستدانن سياست کي پنهنجن مفادن جي تابع ڪري ڇڏيو. هن وقت ملڪي سياست جو تقريبن اهو حال آهي. سچي ملڪ جي ڪنهن به ڪنڊ ڪڙڇ مان ويندي اسيمبلين تائين ڪٿان به عوام جي اهم اشوز تي ڪا دانهن ڪوڪ ٻڌجڻ ۾ ڪونه پئي اچي. عوام جي ووٽن ذريعي حڪومتون منتخب ٿينديون رهيون هر ڪو پنهنجو وارو وڄائيندو رهيو پر ماڻهن جي حالتن ۾ ڪا تبديلي نه آئي.

سرونسٽن چرچل ٻي مها ڀاري لڙائيءَ دوران ۽ ان ڪانپوءِ برطانيه جو وزيراعظم ٿي رهيو، هن چيو ته ”جمهوريت بدترين نظام حڪومت آهي پر انهن نظامن کان بهتر آهي، جيڪي اڄ ڏينهن تائين آزمايا ويا آهن“ ۽ جنهن نظام کي چرچل بدترين چيو ڏسو ته اڄ ان نظام جي ڪري برطانيه سچي دنيا ۾ فلاحي رياست جو هڪ مثال آهي. پاڪستان ۾ به هميشه جمهوريت جا ڳڻ ڳايا ويا آهن پر اسان ڏسون ٿا ته ڪن سببن جي ڪري جمهوريت جا ثمرات عام ماڻهن کي نه ملڻ جي برابر مليا آهن. سچو فائدو هڪ مخصوص طبقي کي ملندو رهيو آهي. ڪاڪي وريام ۽ ماسي گلان کي اڄ کان پنجاهه سال پهرين جنهن حال ۾ ڏٺوسين، اڄ به ساڳي حال ۾ آهن. ڪا تبديلي ڪين آئي پر اجهان ان کان به بدتر حال. اُٺرا برسات ۾ چهه ڏينهن ڏمندڙ چنو سندن ڇت، نه تن تي ڪپڙو نه پيٽ ڀري ماني، نه امن نه انصاف، نه ٻچڙن کي تعليم ۽ روزگار نه ئي صحت جون سهولتون. ڪلاڪن جا ڪلاڪ سرڪاري اسپتالن جي لائين ۾ لڳي پرچي ڪٽائڻ کان پوءِ او پي ڊي جا ڌڪا ٿاپا ۽ دڙڪا کائي ڊاڪٽر وٽ پهچڻ ڪانپوءِ دوائن جو هڪ وڏو چنو هٿن ۾!! مرض مان بچي ويو ته واهه واهه ٿي ويندي، نه ته ميت جنگچين تي گهلجي ڳوٺ روانو ٿيندس. يعني جمڻ کان مرڻ تائين ڌڪا ٿاپا کائي مقروض ٿي لحد ۾ لهڻ تائين تڪليفون سندن مقدر ۾ آهن.

سرڪاري اسپتالن جا اهي حال آهن ته نه دوائون نه وقت تي ڊاڪٽرا هڪ شهر ۾ ڊسٽرڪٽ ٽيچنگ سول اسپتال جي سامهون خانگي ميڊيڪل سينٽر جي ته ماڙ عمارت ڏٺم، جن جا خرچ ايڏا جو مريض گروي ٿيو وڃن، ماڻهن جا گهرگهاٽ، مال مويشي به وڪرو ٿيو وڃن پوءِ به خانگي اسپتالن جا بل ادا ٿي نه سگهن. حڪومت طرفان ڪو به جيڪ اينڊ بئلنس ڪين آهي، جنهن کي جيئن وڻي ٿيئن پيا ماڻهن جي کل لاهين. اڄ ڪالهه تعليم ۽ صحت هڪ منافعي بخش ڪاروبار ٿي پيا آهن. ٻنهي شعبن مان خدا ترسي ڇڏائجي وئي آهي. ماڻهن جو وڏو مسئلو جنهن طرف ٻنهه گهٽ ڌيان ڏنو وڃي ٿو سو بيروزگاري آهي. جنهن ڪري مفلسي پنهنجي عروج تي آهي. شيون ۽ ضرورتون آسمان سان پيون ڳالهيون ڪن ۽ ماڻهو ويچارا هٿين خالي!

هنن نهايت ئي ڳتيءَ جوڳين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسيمبلين ۾ بحث مباحثو ڪنهن ڪين ٻڌو هوندوا قومي ليبر فورس جي هڪ تازي سروي موجب پاڪستان ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 7.1 في سيڪڙو تائين وڃي پهتي آهي. 2024-25 جي هڪ سروي موجب گذريل پنجن سالن ۾ بيروزگاريءَ جي شرح ۾ 0.8 في سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. ملڪ ۾ هن وقت 80 لک ماڻهو بيروزگار آهن. جڏهن ته هن کان اڳ جولاءِ 2025 ۾ ناميارو ماهر معيشت حفيظ اي پاشا انڪشاف ڪيو هو ته پاڪستان ۾ بيروزگاري 22 في سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته مردن ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 30 في سيڪڙو ۽ عورتن ۾ 18 في سيڪڙو آهي. 15 کان 24 سال جي عمر جا 2 ڪروڙ کان وڌيڪ نوجوان بيروزگار آهن. بهرحال مختلف انگ اکر آهن پر سرڪاري انگ اکر ٻڌائين ٿا ته 38 لک مرد ۽ 21 لک ڪم لائق عورتون بيروزگار آهن. پر ڪاليجن يونيورسٽين کان هر سال فارغ ٿيندڙ نوجوانن ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ڏانهن نظر ڪنداسين ته بيروزگاريءَ جا تمام تشويشناڪ انگ اکر نظر ايندا. گورنمينٽ سيڪٽر ۾ اقربا پروري، سفارش، رشوت ستاني جهڙين قبيح رسمن جي ڪري ميرٽ جو قتل عام سالن کان جاري آهي. جنهن جو ڪوبه سدباب نه ٿو ٿئي. هر نئين سج نوجوانن سان نئون ظلم پيو ٿئي، جنهن ڪري انهن ۾ مايوسي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. ماڻهن جي لاءِ اٽي، لٽي، اجهي ۽ روزگار جي فراهمي جهڙا بنيادي حق فراهم ڪرڻ رياست جو فرض آهي پر ورهين کان بيروزگاريءَ جي سيلاب ماڻهن جو ذهن مفلوج ڪري ڇڏيو آهي ان اهم مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حڪومت کي ڪي خاص پاليسيون جوڙڻ گهرجن. گهٽو ڪجهه ٿي چڪو هاڻي سياست جو رخ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ طرف موڙڻ گهرجي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي يومِ تاسيس جي حوالي سان!



گل محمد جکراڻي (سيڻ)

30 نومبر 2025 تي پاڪستان پيپلز پارٽي کي جنم ورتي 58 سال ٿي چڪا آهن. 1967 جي اڄوڪي تاريخ تي پنجاب جي گادي واري هنڌ لاهور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. 58 سال اڳ عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي هڪ نئين سياسي پارٽي ٺاهڻ جي ضرورت پيش آئي، ان جا سبب ڪجهه هن ريت آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صدر ايوب خان جي ڪابينا ۾ ملڪ جي وزير خارجه جهڙي هڪ اعليٰ عهدي تي فائز هيو. مگر پاڪ ڀارت جنگ بعد جڏهن تاشقند معاهدو ٿيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو محسوس ڪيو ته پاڪستان جي مفادن خلاف ڪم ٿي رهيو آهي ته هن ايوب خان جي ڪابينا مان استعيفي ڏيئي ڇڏي ۽ ايوبي آمريت خلاف جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار کان الڳ ٿيڻ بعد پنهنجي هم خيال دوستن سان صلاح مشورو ڪري هڪ نئين سياسي جماعت ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو اهڙي طرح پنجاب جي گادي واري شهر لاهور ۾ 30 نومبر 1967 تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ بنياد وڌو ويو. 58 سالن جي سياسي سفر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڇا حاصل ڪيو ۽ ڇا وڃايو اچو ته ان تي به هڪ نظر وجهون.

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي حقن ۽ ملڪ اندر قانون ۽ آئين جي بالادستيءَ خاطر هڪ فوجي آمر جنرل ايوب سان اختلاف ڪندي ان سان مهاڏو اٽڪائي ميدان تي نڪري نروار ٿيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ امير ۽ وڏي جاگيردار گهراڻي سان تعلق رکندڙ شخصيت، بلڪ ائين چئجي ته غلط نه ٿيندو ته هو وڏو ماڻهو هوندي به غريب عوام سان پيار ڪندڙ ۽ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. صدر ايوب خان جي ڪابينا مان ڌار ٿيڻ بعد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي قريبي سياسي دوستن ۽ ملڪ جي دانشورن سان صلاح مشوري کان پوءِ هڪ سياسي پارٽي ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. آخرڪار 30 نومبر 1967ع تي پنجاب جي شهر لاهور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. اهڙي طرح شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي پارٽيءَ جو باني چيئرمين منتخب ڪيو ويو. جڏهن ته ڊاڪٽر مبشر حسن کي جنرل سيڪريٽري ۽ سوشل ازم جي حامي مرحوم شيخ رشيد احمد کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر وائيس جيئرمين ۽ سروري جماعت جي روحاني پيشوا مرحوم مخدوم طالب المولىٰ کي وائيس جيئرمين منتخب ڪيو ويو. ان کان علاوه ٻين عهديدارن کي به منتخب ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي سياسي زندگيءَ جو باقائده آغاز ڪري ڇڏيو. يوم تاسيس جي ڏهاڙي تي شهيد ڀٽو جي سياسي زندگيءَ تي ڪجهه روشني وجهڻ تمام ضروري آهي. شهيد ڀٽو هڪ مدبر ۽ ذهين سياستدان هو. هن ڪڏهن به اصولن تي سوديبازي نه ڪئي. شهيد ڀٽو شروع کان وٺي آخري دم تائين پنهنجي اصولن تي قائم رهيو. سامراجي قوتن ۽ آمريت خلاف بهادريءَ سان مقابلو ڪندو رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اڻٿڪ محنت ۽ جدوجهد جي ڪري آخرڪار جنرل ايوب خان اقتدار کان الڳ ٿي ويو. ايوب خان ويندي ويندي اقتدار جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنرل يحيٰ خان 1970ع ۾ عام چونڊون هو. انهن حالتن ۾ پاڪستاني قوم جون اميدون فقط ذوالفقار علي ڀٽو ۾ هيون، ڇاڪاڻ ته شهيد ڀٽو واحد ليڊر هو. جيڪو هن تباهه ۽ برباد ٿيل ملڪ کي پنهنجي پيرن تي بيهاري ۽ سنڀالي سگهيو پئي، ڇاڪاڻ ته 1971ع جي جنگ کان پوءِ فوج جو مورال بلڪل ختم ٿي چڪو هو ۽ ملڪ جي معيشت تباهيءَ جي ڪناري تي پهتل هئي. انڪري پاڪستاني قوم جون نظرون ذوالفقار علي ڀٽو ۾ کُتل هيون. اهڙي طرح قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو هڪ مسيحا ۽ عوام جي حقيقي ليڊر جي روپ ۾ سامهون آيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي اميدن مطابق اقتدار سنڀاليو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار سنڀاليندي ئي ملڪ جي ترقي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ تي وڌيڪ توجهه ڏني ۽ پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ دانشمنديءَ جي ڪري عالمي دنيا ۾ پاڪستان جي وڃايل ساک ۽ حيثيت کي ٻيهر بحال ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ڀٽو صاحب جي ذهانت ۽ محنت جي ڪري چين ۽ لبيا کان علاوه مڊل ايسٽ جا ملڪ پاڪستان جا دوست ٿي ويا. هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ دنيا اندر ڪيترائي اهم سياسي اڳواڻ پيدا ٿيا. انهن ۾ سعودي عرب جو شاهه فيصل، شام جو صدر حافظ الاسد، ايران علي ڀٽو دنيا جي انهن ڏهن ملڪن کان علاوه ايشيا جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو ليڊر هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بيشمار صلاحيتن جو مالڪ هو ۽ هن جي يادداشت به تمام تيز ۽ حيران ڪندڙ هئي. هن کي پڙهيل ڪتاب سچا سارا ياد رهندا هئا. ان کان علاوه شهيد ڀٽو ٽيبل ٽاڪ جو به وڏو ماهر هو. مخالفن کي ڳالهين ذريعي شڪست ڏيڻ جي صلاحيت رکندو هو ۽ عوامي جلسن ۾ عوام کي متاثر ڪندڙ ۽ عام ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ ڪرشماتي اڳواڻ هو.

دنيا جي هن عظيم اڳواڻ کي جسماني طور اسان کان ضرور جدا ڪيو ويو. پر هو اڄ به پاڪستان جي غريب ۽ بي سهارا عوام جي دلين ۾ راڄ ڪري رهيو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي دورِ اقتدار ۾ جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا، تن ۾ ملڪ کي متفقه طور تي 1973ع جي آئين کان علاوه پاڪستان اسٽيل مل جو قيام، ٽيڪسلا ۾ هيوي مڪينيڪل ڪامپليڪس جو قيام، لکين بيروزگار ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار ڏيارڻ، بي زمين هارين ۾ زمين ورهائڻ، ميٽرڪ تائين تعليم مفت ڏيارڻ ۽ مزدورن جي ڀلائي لاءِ ليبر پاليسيءَ کان علاوه ٻيا ڪوڙ سارا منصوبا شامل آهن. شهيد ڀٽو جي ان خدمتن جي ڪري اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي جماعت آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان پوءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي زنده رکڻ ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ آمر جنرل ضياءَ کان وٺي جنرل مشرف تائين مقابلو ڪري پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. ان کان علاوه پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي زنده رکڻ لاءِ پارٽيءَ جي ڪارڪنن

ضمني چونڊن ۾ نتيجن جي عمل ۾ شفافيت جو خال آهي: فافن

فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ جي 23 نومبر تي ٿيل ضمني چونڊن بابت تفصيلي رپورٽ جاري

فافن جي 122 مبصرن 373 پولنگ اسٽيشنن جو مشاهدو ڪيو جن جي بنياد تي چونڊ عمل جو جائزو پيش ڪيو ويو

97 سيڪڙو پولنگ ايجنٽن پولنگ عمل تي اطمينان جو اظهار ڪيو جيڪو مجموعي چونڊ انتظامن لاءِ هاڪاري اشارو آهي: رپورٽ

اسلام آباد (م ڊ) فافن جي رپورٽ موجب، ضمني چونڊن ۾ نتيجن جي عمل ۾ شفافيت جي کوٽ ڏٺي وئي. فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽ ورڪ 23 نومبر تي ٿيل ضمني چونڊن بابت پنهنجي تفصيلي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي جنهن ۾ مجموعي طور تي چونڊ انتظامن کي بهتر قرار ڏنو ويو. رپورٽ موجب، سڀني ملڪ جي 93 سيڪڙو پولنگ بوٿن تي پولنگ جو عمل پرامن ۽ منظم رهيو. فافن جي 122 مبصرن 373 پولنگ اسٽيشنن جو مشاهدو ڪيو جن جي بنياد تي چونڊ عمل جو جائزو پيش ڪيو ويو. رپورٽ ۾ چونڊ مهم جي ڇڪتاڻ ۽ نتيجن ۾ شفافيت جي کوٽ جي نشاندهي به ڪئي وئي. فافن موجب، گهٽ ۾ گهٽ ڪري تڪن ۾ ووٽنگ ڪرڻ آئوٽ 50 سيڪڙو کان گهٽ رڪارڊ ڪيو ويو. مبصرن اهو به چيو ته 49 سيڪڙو پولنگ اسٽيشنن تي سياسي پارٽين طرفان ووٽرن جي اچ وڃ جي سهولت ڏسڻ ۾ آئي. عورتن، بزرگ شهرين، معذور ووٽرن لاءِ چونڊ انتظامن کي اطمينان بخش قرار ڏنو ويو. 97 سيڪڙو پولنگ ايجنٽن پولنگ عمل تي اطمينان جو اظهار ڪيو جيڪو مجموعي چونڊ انتظامن لاءِ هاڪاري اشارو آهي. فافن جي رپورٽ ضمني چونڊن ۾ پرامن ماحول جي تصديق سان گڏوگڏ چونڊ سڌارن جي ضرورت تي به زور ڏنو ته جيئن مستقبل ۾ چونڊ عمل وڌيڪ شفاف ۽ اعتماد جوڳو بڻائي سگهجي.

ايئرپورٽ اميگريشن کي واڌو اختيار ملڻ کانپوءِ سوين مسافرن پرڏيهه وڃڻ کان محروم ٿي ويا

ملڪ جي مختلف شهرن مان پرڏيهه ويندڙ مسافر پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ سبب پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

وفاقي گهرو کاتي پاران ايئرپورٽ اميگريشن کي واڌو اختيار ملڻ بعد ڪين پرڏيهه نه پيو وڃڻ ڏنو وڃي: مسافر

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ اسان کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ جو سلسلو بند ڪرايو وڃي: مطالبو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وفاقي گهرو کاتي پاران ائيرپورٽ اميگريشن کي واڌو اختيار ملڻ کانپوءِ سوين مسافرن پرڏيهه وڃڻ کان محروم ٿي ويا آهن. ذريعن موجب ايئرپورٽ اميگريشن انتظاميا پاران سمورا دستاويز مڪمل هجڻ جي باوجود ڪراچي، لاهور، پشاور، ڪوئيٽا، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان سميت ملڪ جي مختلف شهرن مان پرڏيهه ويندڙ مسافرن کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ سبب مسافر پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا. مسافرن شڪايتون ڪندي چيو آهي ته وفاقي گهرو کاتي پاران ايئرپورٽ اميگريشن کي واڌو اختيار ملڻ بعد ڪين پرڏيهه نه پيو وڃڻ ڏنو وڃي. هنن وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کان نوٽيس وٺڻ ۽ معاملو حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

وڏي وزير پاران صوبي جي سمورن 16 فليگ شپ ترقياتي منصوبن تي ڪم جي رفتار وڌائڻ جو حڪم

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبي ۾ هلندڙ ترقياتي پورٽ فوليو جو جائزو ورتو ويو

ڪيترائي منصوبا انتهائي اهم ۽ حياتيون بچائڻ وارا آهن ڪنهن به قسم جي دير نه ٿيڻ گهرجي

اجلاس ۾ تعليم، ضلعي اسپتالن، ميڊيڪل ايجوڪيشن، حفاظتي پروگرامن ۽ پرڏيهي امداد وارن منصوبن تي به غور ويچار

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ترقياتي پورٽ فوليو جو جائزو وٺندي صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته 16 فليگ شپ منصوبن تي ڪم جي رفتار تيز ڪئي وڃي جيئن اهي موجوده مالي سال دوران عوامي خدمت لاءِ کوليا وڃي سگهن. وڏي وزير جي صدارت هيٺ 2025-26ع جي جائزي واري اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل ... وزير ڏانهن اماڻي وئي آهي. وڏي وزير هدايت ڪئي ته عمل فوري مڪمل ڪيو وڃي. هن چيو ته هي جان بچائڻ وارو منصوبو آهي لاڳت ۾ اضافو رڪاوٽ نه ٿيڻ گهرجي ۽ معاملو فوراً حل ڪيو وڃي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گلبهار ٽائون انچولي، فيڊرل بي ايريا بلاڪ 13 ۾ 50 بسترن اسپتال جي عمارت مڪمل ٿي چڪي آهي. وڏي وزير چيو ته هو 148.196 ملين رپيا جاري ڪري چڪا آهن ان ڪري ... فوري طور اڳتي وڌايو وڃي. سعود آباد اسپتال منصوبا: سنڌ گورنمينٽ اسپتال سعود آباد جي نفسيات ۽ ايمرجنسي يونٽ بابت ٻڌايو ويو ته NOC جاري ٿي چڪي آهي ۽ 55.686 ملين رپيا وڌيڪ گهربل آهن جيڪي ري اپروپريئيشن ذريعي ڏنا ويندا. خريداري جو عمل جاري آهي ۽ ورڪ آرڊر به جاري ٿي چڪا آهن. وڏي وزير هدايت ڪئي ته منصوبو موجوده مالي سال اندر مڪمل ڪيو وڃي. ضلعي شهيد ...

... انتهائي اهم ۽ حياتيون بچائڻ وارا آهن جيڪي ڪنهن به قسم جي دير جا متحمل ناهن ٿي سگهن. اجلاس جي شروعات نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز (NICVD) ڪراچي جي پيڊياٽرڪ ڪارڊيڪ يونٽ جي جائزي سان ٿي. نظرثاني ٿيل پي سي-ون 9.924 ارب رپين جي لاڳت سان جمع ٿي چڪو آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته PDWP جو اجلاس ٿي چڪو آهي ۽ لاڳت ۾ واڌ بابت سمري وڏي ... سول اسپتال جي نئين ريڊيالوجي ڊپارٽمينٽ بابت بريفنگ ڏني وئي ته پي سي-ون تياري هيٺ آهي. Pre-PDWP اجلاس ٿي چڪو آهي ۽ ترميم ٿيل پي سي-ون به تيار ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير منظوري جي عمل کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن ايمرجنسي يونٽ جي فوري بحالي تي پڻ زور ڏنو جنهن جو پي سي-ون نظرثاني هيٺ آهي ۽ چيو ته مريضن جو بوجهه تمام گهڻو آهي تنهنڪري ڪم ... جي توسيع ۽ بهتري جو ڪم جاري آهي ۽ ايندڙ سال مڪمل ٿي ويندو. ماتلي، قمبر ۽ عمرڪوٽ جي تحصيل هيڊڪوارٽر اسپتالن کي ضلعي هيڊڪوارٽر سطح تي اپ گريڊ ڪرڻ وارا منصوبا تي پڻ شيڊول مطابق ڪم هلي رهيو آهي ۽ اهي مالي سال 2025-26 ۾ مڪمل ٿيندا. لاڙڪاڻو: اجلاس ۾ لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن اسپتال جي تعمير تي به غور ڪيو ويو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ وڙائچ گروپ جو صدر حسيب جمالي ڪامياب

سخت مقابلي کان پوءِ حسيب جمالي 2 هزار 679 ووٽ کڻي بئريسٽر سرفراز ميتلو کي شڪست ڏني

جنرل سيڪريٽري فريده مگريو 2582 ووٽ کڻي ڪامياب، عبدالوهاب بلوچ رڳو 44 ووٽ کڻي سگهيو

نائب صدر جي عهدي تي طارق علي جسڪاڻي 1497 سوپارو ويو، خزانچي لاءِ نعمت الله خان ڪامياب

ڪراچي(رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ عامر نواز وڙائچ جي حمايت ڪيل حسيب جمالي صدر ۽ فريده مگريو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا، بئريسٽر سرفراز ميتلو کي شڪست اچي وئي. غيرحتمي نتيجن موجب حسيب جمالي 2 هزار 679 ووٽ کڻي ڪاميابي حاصل ڪئي، بئريسٽر سرفراز ميتلو کي 2 هزار 604 ووٽ مليا، رڳو 75 ووٽ گهٽ مليا ... تي طارق علي جسڪاڻي 1497 کڻي ويو، محمد طاهر 1483 ٻيو نمبر آيو. خزانچي لاءِ نعمت الله خان 3 هزار 66 ووٽ کڻي ڪامياب، ايڊيشنل جوائنٽ سيڪريٽري جي سيٽ تي روپ مالا سنگهه 2 هزار 4 سو 26 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي وئي. جوائنٽ سيڪريٽري تي آر بي قريشي 2 هزار 4 سو 26 ووٽ کڻي ڪاميابي ماڻي. ٻئي پاسي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي نون چونڊيل عهديدارن ... سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي نئين قيادت کان مثبت پيش رفت جي اميد آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو آهي ته قانوني برادري جمهوري روايت کي برقرار رکيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير جو خراج تحسين عدليه ۽ بار جي وچ ۾ مضبوط تعلق انصاف جي بنياد آهي. مراد علي شاهه چيو ته نوان چونڊيل عهديدار عوامي حقن جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. سنڌ حڪومت قانوني برادري سان ڪلهي ڪلهي ۾ ملائي بيٺي ...

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

حيدرآباد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ٻيون ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو منعقد

لطيف دنيا جو عظيم ۽ آفاقي شاعر آهي، هن سنڌ جي مٽي، روايتن ۽ قدرن جي ڳالهه پنهنجي شاعري ۾ ڪري انهن کي امر ڪري ڇڏيو: سسئي پليجو

اڄ جا ٻار اهي ٻرا آهن جن مان معاشرا ٺهندا آهن، سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ ادارن ۾ سڀ کان وڌيڪ پروگرام ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ ڪرڻ گهرجن: اياز لطيف پليجو

اسان وٽ مصنوعي شين اچي ويون آهن، پنهنجي ورثي کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ لاءِ ٻارن کي لطيف سان ملائڻ گهرجي: فياض لطيف ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي اديبن ۽ ساڃاهه وند ڌرين شاهه لطيف کي سنڌ جي روايتن قدرن امن ۽ ڀائيچاري جو شاعر قرار ڏيندي چيو آهي ته موجوده ٽڪرارن جي دور ۾ سنڌ جي روايتن قدرن ۽ پنهنجي ٻولي کي بچائڻ ۽ ڦهلائڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي ٻارن لاءِ شاهه لطيف جا ميلا منعقد ڪرايا وڃن ته جيئن نئين نسل کي لطيف شناسائي جو پيغام ڏئي سگهجي. انهن اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران منعقد ڪرايل ٻيون ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. افتتاحي تقريب جي صدارت ڪندي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجي چيو ته لطيف دنيا جو عظيم ۽ آفاقي شاعر آهي هن لاءِ سنڌ ٿي مقدس آهي هن سنڌ جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران ٻارن لاءِ ڪرايل شاهه لطيف جي ميلي ۾ سسئي پليجو، اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا موجود آهن

ٽنڊوآدم ۾ سنڌي فلمن جي هدايتڪار شاهه اسد جي 21 هين ورسي سادگي سان ملهائي وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ سنڌي فلمن جي جڳ مشهور مصنف ۽ هدايتڪار شاهه اسد جي 21 هين ورسي سادگي سان ملهائي وئي ان موقعي تي مرحوم جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن ٿي جلهن ...

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽلهار: روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ٽائون ڪميٽي ڪلارڪ فوت

ٻه مهينا اڳ ڪار حادثي ۾ ٽي ايم او جبار ڪورائي زخمي ٿيو ... گوپال شام زير علاج بعد ڪاله زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ٿيو

ٽلهار (ن ع) ٽلهار 2 مهينا اڳ بدين ٽرڪول روڊ تي ... گوپال شام سخت زخمي ٿي پيو هو جيڪو مسلسل زيرعلاج ... ڪاله زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو ...

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد لڳ 5 ڏينهن اڳ جهيڙي دوران زخمي ڳوناٿو اسپتال ۾ فوت

گاجي خان ٻڪريو واسي هدايت الله ٻڪريو ڪراچي جي سول اسپتال فوت ٿي ويو

لاش تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارث گهر کڻائي آيا ته ڪهرام مچي ويو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ 5 ڏينهن اڳ ڳوٺ گاجي خان ٻڪريو واسي جهيڙي دوران زخمي ٿيل ڳوناٿي هدايت الله ٻڪريو ڪراچي جي سول اسپتال فوت ٿي ويو جنهن جو مڙهه ڪراچي کان ايڌي ايمبولينس ذريعي تعلقا اسپتال قاضي احمد پوسٽ مارٽم لاءِ منتقل پوسٽ مارٽم جاري آهي ٻئي طرف وارثن پاران پوليس تي مبينا الزام هڻندي چيو ته پوليس اسان کي ڌمڪيون ڏنيون آهن ۽ ڪسٽڊيم ۾ جوابدار هٿيا هٿ سان فرار ڪرايو ويو ٻئي طرف ايس

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو مبينا پستول صاف ڪندي گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت

نوان جتوئي واسي سارنگ ولد محمد جڙيل خاصخيلي زخمي ٿي پيو

نوجوان کي وارث ڪٺائي اسپتال پهتا جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

مورو (ن ع) مورو پرسان نوان جتوئي جو رهواسي نوجوان پراسرار نموني گولي لڳڻ ڪري فوت ٿي ويو نوجوان جو لاش تعلقه اسپتال مورو پهچايو ويو جتي نوجوان جو نالو سارنگ ولد محمد جڙيل خاصخيلي ٻڌايو پيو وڃي وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان گهر اندر پستول صاف ڪري رهيو هئو جو کيس گولي لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي اسپتال نوان جتوئي پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن جي غير موجودگيءَ سبب نوجوان کي مورو اسپتال

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، 2 زخمي

دادلوءِ لڳ قومي شاهراه تي حادثي ۾ نوجوان محمد امين سومرو فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي ٿيندڙ پيراڻي محمد يوسف سومرو ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

شهدادپور لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، عورت سميت 3 زخمي

هنگورا روڊ تي ڳوٺ بهادر ڪلوئي وٽ حادثي ۾ شمائلا، محمد آچر نور بخت بروهي ۽ علي گل زرداري زخمي ٿي پيا

زخمين کي سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي محمد آچر بروهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو آهي، زخمي علي گل زرداري کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

شهدادپور (ن ع) شهدادپور هنگورا روڊ تي ڳوٺ بهادر ڪلوئي وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 4 زخمي ٿي پيا جن کي سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمي محمد آچر بروهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته شمائلا بروهي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي هوڏانهن نور بخت بروهي ۽ علي گل زرداري سمس اسپتال طبي امداد ڏني وئي پوليس زخمي موٽر سائيڪل علي گل زرداري کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو هوڏانهن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي فوتي جي مڙهه کي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن کي ڳوٺ شريف بروهي ۾ سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

شهدادپور ڪورٽ ۾ وڪيل ۽ سرڪاري وڪيل ۾ منهن ماري بعد بار پاران ڪاررواين جو بائيڪاٽ

شهدادپور (ن ع) شهدادپور بار ايسوسيئيشن ۾ وڪيل پير ڪليم الله قريشي ۽ اي ڊي پي پي شهدادپور علي نواز بروهي ۾ منهن ماري معاملي بعد ...

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو لڳ هٿياربندن پوليس کي ڀر بخشي، پوليس انسپيڪٽر کان ڦرلٽ

ڪراچي ۾ فريال ٽالپر سان سيد خاور حسين شاهه جي ملاقات

ملاقات ۾ پيٽ شاهه شهر جي سياسي، سماجي ۽ تنظيمي معاملن تي ڳالهه ٻولهه

لطيفي جماعت جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو: فريال ٽالپر

پيٽ شاهه (ن ع) لطيفي جماعت جي روحاني پيشوا درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سجاده نشين سيد وقار حسين شاهه لطيفي جي پاءِ ۽ پيپلز پارٽي پيٽ شاهه جي اهم شخصيت چيئرمين ٽائون ڪاميٽي پيٽ شاهه سيد خاور حسين شاهه لطيفي ڪراچي جي زرداري هائوس ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شعبه خواتين جي مرڪزي صدر محترمه فريال ٽالپر سان اهم ۽ تفصيلي ملاقات ڪئي ان ملاقات دوران ضلعي معاملا، خاص طور تي پيٽ شاهه شهر جي ...

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سائيٽ ايريا ۾ هڪ مزدور پکو هلائي داڻيون صاف ڪري رهيو آهي

ڪوٽ ڏيجي کان خيرپور تائين 10 ڪلوميٽرن جي ميراٿن ريس منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني، ڊي سي فياض حسين راهوجو، چيئرمين ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

حسن افروز ميراٿن ريس ۾، پهرين پوزيشن ماه نور، ٻي پوزيشن فاريا ۽ ٽئين پوزيشن هانيا جي ڏيهر حاصل ڪئي

حسين آباد کان خيرپور ٽائين ريس ۾ آءِ بي اي سڪر سميت مختلف تعليمي ادارن جي 1500 شاگردياڻين حصو ورتو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد قاسم آباد جي گهر مان عورت جو ڦاهو ڪاٺل لاش هٿ، مڙس گرفتار

نسيم نگر ٿاڻي جي حد نقاش ولاز ۾ عورت ڪائينات جو پکي ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، سندس مڙس عارف لنجار پڻ گرفتار ڪري ورتو

ڌيءَ کي سندس مڙس گهٽا ڏئي قتل ڪري لاش پکي ۾ ٽنگي ڇڏيو آهي: والد

ڪراچي: اڳوڻو دفاع وارو سيڪريٽري ليفٽيننٽ جنرل (ر) طلعت مسعود پاڪستان ۽ سعودي عرب جي رچ ۾ ٽقامي معاهدي جي حوالي سان سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

سجاول کان نڪتل سنڌ بچايو پيادل مارچ ڪڙيوگهنور پهتو

ڪڙيوگهنور ۾ مارچ جي قافلي تي جسقم آريسر گروپ پاران گلن جي ورکا

سنڌ جا معدنيات، زمين ۽ پاڻي صرف سنڌي عوام جا آهن ٻاهرين ڪنهن جو ڪو حق ناهي: اڳواڻ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ هندو برادري جو پارٽي وزير خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي پارٽ خلاف نعريبازي ڪئي

دنيا جي ڪا به طاقت سنڌ کي پاڪستان کان جدا نه ٿي ڪري سگهي: مظاهرين

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سنڌ ڌرتي ماءُ آهي، ان جي ورهاڱي جو ڪير تصور به نٿو ڪري سگهي: علي حسن زرداري

هندوستاني وزير جي ڏنل بيان ۾ ڪا به صداقت ناهي، هندوستاني وزير بوکلاهٽ جو شڪار آهي

ڪراچي ۽ سکر جيل ۾ خطرناڪ قيدي موجود آهن پر سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪئي آهي

پ پ غريب ۽ پورهيت طبقي جي نمائندا جماعت آهي، مون پنهنجي وس آهر ترقياتي ڪم ڪرايا آهن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪرو: صوبائي وزير علي حسن زرداري اڄيجائي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ رهواسين جو حيدرآباد جي وڪيل جي زيادتين خلاف احتجاج

اسان جي پاڻيجن ۽ وڪيل ثناءَ الله پنگر جي پاءِ وچ ۾ ڪراسنگ جي معاملي تان جهيڙو ٿيو

وڪيل ڪورٽ مان آرڊر وٺي اسان تي ڏاڍ جو بي بنياد ڪيس داخل ڪرايو آهي: جاويد ۽ مرتضيٰ پنهور

بدين پوليس جون ڪارروايون، موٽرسائيڪل برآمد، منشيات هٿ، ڪيترائي جوابدار گرفتار

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: جي يو آءِ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو شهداءِ اسلام ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

حيدرآباد: سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري ۾ ٻارن جي لطيف ميلي ۾ ٻارڙيون ٽيبلوز پيش ڪري رهيون آهن

ڏگهڙي ۾ ثقافتي ڏينهن جي حوالي سان گورنمينٽ بوائز اسڪول ۾ تقريب

صوبائي وزير پنهنجي ڏي نالي سان قائم ڪيل "مير طارق علي خان ٽالپر لائبريري" جو افتتاح

سنڌي ثقافت محبت ۽ ڀائيچاري جو روپ آهي، ڪلچر ڊي اسان لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي: طارق ٽالپر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيسڪو چيف مٽياري سب ڊويزن جو سرپرائز وزٽ، بجلي نظام جو جائزو ورتو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اقليتي فورم پاران "آئين جا تحفظات ۽ برابري جا شهري" موضوع تي سيمينار

فورم اقليت جي حقن، تحفظ ۽ آئيني برابري تي جدوجهد ڪري رهيو آهي: ناصر وليم

جبري مذهب تبديلي قابل مذمت عمل آهي، اعليٰ قيادت کي قانون سازي لاءِ مطالبو پيش ڪندس: صنم عباس

اسانجي ڪميشن ۾ شڪايت ڊيسڪ موجود آهي، اقليتي برادرين پنهنجي شڪايتون ڪنهن به وقت جمع ڪرائي سگهن ٿيون: غفران آرائين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: سني تحريڪ پاران ڪرايل ڪانفرنس ۾ اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

ڪڙيو گهنور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، دڪاندار کان ڦر

مئن بازار ۾ هٿياربندن سڪندر پنهور جي دڪان تي ڪاهه ڪئي

جوابدار 38 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، واپاري جو احتجاج

پنگريو پرسان مختلف ڳوٺن جو ڪامورن ۽ قبضا مافيا خلاف احتجاج

برانچ ٻرين سر نالي جي ڪنڌي تي پڪا گهر ۽ اوطاقون ناهي ڇڏيون آهن: مظاهرين

سر جا ڪپر ڪمزور هئڻ ڪري آبڪلاڻي ۽ برسات جي موسم ۾ بند ٽٽي وڃن ٿا

سرڪاري لاڳاپيل ادارا ماڻهن کي قبضن کان روڪڻ بجاءِ هٿي ڏيئي رهيا آهن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو جي صحافي جي دڪان تي قبضي جو شازيا عطا مري نوٽيس ورتو

صحافي عقيل احمد وساڻ کي پيرائي هائوس تي فيصلي بعد دڪان واپس ڏياريا ويا

اهڙي فيصلي تي پوري سنڌ جي صحافين، ليکڪن، سڄاڻ ڌرين پاران سارهيو ويو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ عورت روڊ ڪناري چوڙيون وڪرو ڪري رهي آهي

ڪوهستان جو امن خراب ڪرڻ نه ڏينداسين، ڌاڙو واپس ڪرائي جوابدار سرگها ڪبا: ملڪ اسد

وارداتن ڪندڙن کي چئلينج سان چوان ٿو ته توهان کي ڪنهن صورت ۾ بخش نه ڪندس

ڊاڪٽر جيلاڻي جي گهر مان لڳل ڌاڙو واپس ڪرائيندس ۽ ڦورن کي ڏانڪو ڪبو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٿاڻو بولا خان: پ پ ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر خان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي، ايم پي اي ملڪ سڪندر جونيئر پڻ موجود آهي

ڪوٽ غلام محمد لڳ 9 ٻارن جي پيءُ مبينا ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور پرسان پاٽي جي ڪڏ مان پيرسن جو لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي جاڙو ڳوٺو لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ماتلي جي نجي اسڪول ۾ فڪر اقبال تعمير ملت عنوان سان تقريري مقابلو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

دادو: سول سوسائٽي پاران وفاقي وزير دفاع راڄنات سنگهه خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

جيڪب آباد: پ پ ڪلچرل ونگ پاران يوم تاسيس جي سلسلي ۾ مشعل بردار ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٿر ڪلائميٽ مارچ مٺي پهچي ويو، شاندار آجيان، ماحول جو تحفظ هر فرد جي ذميواري آهي: اڳواڻ

ڪول پروجيڪٽن، چائنا ڪلي، لوڻ جي کاڻين، سرن جي ٻڏڻ، ڪڻ، ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ وڻن جي واڍي خلاف مارچ جي پڄاڻي

ڪمپني پروجيڪٽن جو پاڻي، وڻ ٻوٽا، زمين تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ڪارونجهر رڳو پٿر ناهي ڪارونجهر اسان جي جسم جو حصو آهي: ڪرشن شرما/ماما وشن ٿري

ٿر کي ماحولي ڦري زون بڻائي فطرت سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي، وڻن جي واڍي ۽ شڪار تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي: ارباب عمران/مير محمد

ڪول پروجيڪٽ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي ڪوئلي مان ملندڙ رائلٽي جا اربين رپيا بنيادي مسئلن ۽ سهولتن تي خرچ ڪيا وڃن: قربان سيمجو/عظمي ابڙينگ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گهرو صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جي ڪنوينشن کي اڳوڻي ايم پي اي فرحين مغل خطاب ڪري رهي آهي

ٽنڊوالهيار جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ پ پ جي 58هين يوم تاسيس تي ڪلچرل ونگ جي ريلي

ڪلچرل ونگ پاران ضلعي آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين مشعل بردار جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

ذوالفقار ڀٽو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو، هزارين روزگار جا ذريعا پيدا ڪيا: اڳواڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٺاروشاهه خان لڳ بريڪ فيل ٽيوٽا سبب سوزڪي ڪلٽي، هڪ ڄڻو فوت، 9 زخمي

داڻو لڪ دان لهندڙ سوزڪي ڪلٽي ٿيڻ سبب مڱڻهار برادري جا ماڻهو زخمي ٿي پيا

هڪ ڄڻو محرم پٽ اڪرم مڱڻهار فوت ٿي ويو زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ سڻوڻن جي ظلمن خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

مظاهرين سيد خالد شاهه، سيد ڪاشف، سيد رياض حسين سيد منصور ۽ احتجاج ڪيو

باثر سڻوٽ زمين تي هٿياربند ساڻ ڪري لوڙهو ڊاهڻ بعد موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پان سيدآباد ويجهو ارڙي کان بچاءَ جي ويڪسينيشن ٽيم تي حملو، عورت ورڪر زخمي

ڳوٺ پيرل پنهور ۾ گهر ۾ معصوم ٻار کي ارڙي جا ٽڪا هڻڻ دوران جوابدار نياز پنهور حملو ڪيو

تشدد ۾ هيلٿ ورڪر پري ڳنهيبر سخت زخمي ٿي پئي، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

پان سيدآباد (ن ع) پان سيدآباد ويجهو ڳوٺ واهڙ ۾ ارڙي کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪندڙ ٽيم تي حملو ڪيو ويو هيلٿ ورڪر عورت تي سخت تشدد بعد هيلٿ ورڪر پري ڳنهيبر سخت زخمي ٿي پئي ان سلسلي ۾ هيلٿ ورڪر پري ڳنهيبر ٻڌايو ته ڳوٺ پيرل پنهور ۾ گهر ۾ معصوم ٻار

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پشاور: ڪي پي ڪي جو گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي بنگلاديشي صحافي کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

هالا تعلقه اسپتال ۾ سول سوسائٽي جو اجلاس، اين آءِ سي وي ڊي سينٽر قائم ڪرڻ جو مطالبو

ايمرجنسي سهولتن جي کوٽ آهي، ريفرل سبب ڪيترائي مريض رستي ۾ فوت ٿين ٿا: اڳواڻ

حڪومت کان جلد قدم کڻڻ جو مطالبو، شهر ۽ ڳوٺاڻن جي زندگيون بچائڻ لاءِ فوري عملدرآمد ڪيو وڃي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار لڳ پکين جي شڪار تان جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڏنڍ ويجهو پکين جي شڪار دوران حسين ملاح ۽ نياز ملاح ۾ تلخ ڪلامي تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي ۾ فائرنگ سبب حسين ملاح موقعي تي مارجي ويو، جڏهن ته نياز ملاح زخمي ٿيو

واقعي خلاف مقتول جي وارثن لاش کي پوليس پوسٽ سامهون رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

واقعي تي ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان جو نوٽيس، پوليس جوابدار نياز ملاح کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊو محمد خان/ملاڪاتيار (نمائندن وڪان) ٽنڊو محمد خان جي ملاڪاتيار جي پاڙي جي ڏنڍ تي پکين جي شڪار تان 45 سالا ڳوناٿي کي شڪار تي آيل هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو، وارثن جو ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم روڊ تي طويل احتجاجي ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پرسان ملاڪاتيار جي ڏنڍ ويجهو مهمان ٿي آيل ناياب پکين جي شڪار تان 45 سالا ڳوناٿو حسين ملاح فائرنگ دوران بيدردي سان قتل ٿي ويو، جنهن ۾ ڳوناٿي جي ڇهري جو حصو سخت متاثر ٿي ويو، ڳوناٿي جا وارث لاش کي پنهنجي ڳوٺ مير محمد جماري کڻائي ويا جتان روڙي لاش کي کڻي ٽنڊو محمد خان جي سڄاول بلڙي شاهه ڪريم روڊ ڪيرو موڙي پوليس پوسٽ سامهون رکي احتجاجي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سبزي منڊي ۾ ٽماٽا وڪري لاءِ رکيل آهن